روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) اڱارو 11 جولاءِ 2023ع بمطابق 22 ذوالحج 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 45

پ پ جي دورن ۾ سنڌ هزارين اسڪيمون مڪمل ٿي چڪيون، گهڻن جو ڪم جاري: ناصر شاهه

پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو جي ويزن تي عمل ڪندي سنڌ حڪومت شهر جي انفراسٽرڪچر جي تعمير ۽ ترقي لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهي آهي

وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ۽ سندس ٽيم ڪراچي جي رهواسين کي هر اداري ۾ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ اڻٿڪ محنت ڪري رهي آهي جنهن جا نتيجا ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ويا آهن

شاهراهه فيصل جي خوبصورتي ۾ وڌيڪ اضافو ڪرڻ لاءِ جديد طرز تي مرمت ڪرائي ويندي جنهن سان نه رڳو ڪراچي شهر جو هاڪاري اميج سڄي دنيا ۾ نمايان طور تي سامهون ايندو

ڪراچي شهر کي ترقي يافته شهرن ۾ شامل ڪرڻ لاءِ سمورا ادارا پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. جيستائين ترقي جو عمل ان ئي رفتار سان جاري رهيو ته اهو وقت پري ناهي : مرتضيٰ وهاب

جڏهن ڪراچي هڪ نمايان حيثيت حاصل ڪري سگهندو. شاهراهه فيصل تي بينر لڳائڻ، وال چاڪنگ ڪرڻ تي مڪمل پابندي هوندي ۽ ڪي ايم سي مڪمل تعاون جاري رکندي

ڪي ڊي اي جا تجربيڪار انجنيئر، آفيسر ۽ ملازم شاهراهه فيصل جي بحاليءَ لاءِ پنهنجي صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو ڪندا : ڪراچي ڊيولپمينٽ اٿارٽي جو ڊائريڪٽر جنرل سيد محمد علي شاهه

ڪراچي (رپورٽر) مڪاني ادارن واري صوبائي وزير ناصر حسين شاهه چيو آهي ته پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو جي ويزن تي عمل ڪندي سنڌ حڪومت شهر جي انفراسٽرڪچر جي تعمير ۽ ترقي لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهي آهي. سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ۽ سندس ٽيم ڪراچي جي رهواسين کي هر اداري ۾ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ اڻٿڪ محنت ڪري رهي آهي جنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

عدالتون جعلي زرعي دوائون ختم نه ٿيون ڪن ته آرمي ايڪٽ لاڳو ڪرڻ گهرجي: وزيراعظم

آبادگار پاڪستان جي زراعت لاءِ رات ڏينهن محنت ڪري رهيا آهن، زراعت جي ترقي لاءِ آبادگارن کي وسيلا ڏيڻ جي ضرورت آهي

75 سالن ۾ ڪيترائي ويزن آيا ۽ ويا، ترقي جو راز مسلسل عمل ۽ محنت ۾ لڪل آهي، 60 جي ڏهاڪي جي زرعي ترقي سان اسان ڪيترن ئي ملڪن کان اڳتي نڪري وياسين

هلندڙ سال ملڪ ۾ ڪڻڪ جي رڪارڊ پيداوار ٿي، اميد ته ڪپهه جي پيداوار به اڳ کان سٺي هوندي، آبادگارن کي انهن جو مڪمل معاوضو ملڻ گهرجي

زراعت جي ترقي لاءِ آبادگارن کي وسيلا ڏيڻ جي ضرورت آهي ، منگلا ۽ تربيلا ڊيم ٺاهڻ سان ملڪ ۾ زرعي انقلاب آيو

هلندڙ سال ملڪ ۾ ڪڻڪ جي رڪارڊ پيداوار ٿي، اميد ته ڪپهه جي پيداوار به اڳ کان سٺي هوندي، آبادگارن کي انهن جو مڪمل معاوضو ملڻ گهرجي: سيمينار کي خطاب

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته آبادگار جيستائين جعلي دوائن جو شڪار بڻجن ٿا ته وڏو نقصان هوندو. جيستائين عدالتون جعلي زرعي دوائون ختم نه ٿيون ڪري سگهن ته اسان کي آرمي ايڪٽ لاڳو ڪرڻ گهرجي. فوڊ سيڪيورٽي تي قومي سيمينار سان خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته 1960 کانپوءِ پاڪستان ۾ هيو سائو انقلاب آندو ييو وجي، زراعت اسان جي ڪرنگهي جي هڏي آهي. آبادگار پاڪستان جي زراعت لاءِ رات ڏينهن محنت ڪري رهيا آهن. زراعت جي ترقي لاءِ آبادگارن کي وسيلا ڏيڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته 75 سالن ۾ ڪيترائي ويزن آيا ۽ ويا. ترقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف فوڊ سيڪيورٽي تي قومي سيمينار سان خطاب ڪري رهيو آهي

نيب جو پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير عثمان بزدار جي گرفتاري جو فيصلو

نيب لاهور پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير عثمان بزدار جي گرفتاري لاءِ نيب چيئرمين کي وارنٽ جاري ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي : ذريعا

عثمان بزدار تي نئون آرڊيننس لاڳو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي ۽ نئين نيب آرڊيننس تحت اڳوڻي وڏي وزير کي انڪوائري دوران به گرفتار ڪري سگهجي ٿو

عثمان بزدار ۽ سندس خاندان تي 9 ارب رپين کان وڌيڪ اثاثا ٺاهڻ جو ڪيس جاچ هيٺ آهي ۽ ان خلاف ڪڻڪ برآمد ڪرڻ جو ڪيس به آهي

پنجاب جو اڳوڻو وڏو وزير عثمان بزدار (فائيل فوٽو)

لاهور (م ڊ) قومي احتساب بيورو (نيب) پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير عثمان بزدار کي گرفتار ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ميئر جي هدايت، پاڻي
چوري خلاف ڪارروايون
تيز ڪيون ويون

ڪراچي (رپورٽر) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب جي خاص هدايتن تي واٽر بورڊ پاڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

آءِ ايم ايف معاهدي کانپوءِ فچ پاڪستان جي ريٽنگ اپ گريڊ ڪري ڇڏي

پاڪستان جي ريٽنگ ۾ بهتري آءِ ايم ايف معاهدي سبب پاڪستان جي فنڊنگ جو رستو کلڻ جي ڪري ڪئي وئي

گلوبل ريٽنگ ايجنسي فچ پاڪستان جي ڊگهي مدي لاءِ فارن ڪرنسي ريٽنگ اپ گريڊ ڪري ڇڏي : اسحاق ڊار

فچ ڊگهي مدي لاءِ ڪرنسي ريٽنگ ايشوز ڊيفالٽ ريٽنگ آءِ ڊي آر کان ٽرپل سي ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م ڊ) عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) معاهدي کانپوءِ عالمي ريٽنگ ايجنسي فچ پاڪستان جي ريٽنگ اپ گريڊ ڪري ٽرپل سي ڪري ڇڏي. پاڪستان جي ريٽنگ ۾ بهتري آءِ ايم ايف معاهدي سبب پاڪستان جي فنڊنگ جو رستو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

پي ٽي آءِ چيئرمين جا پراڪسيز پڙهه ۾ موجود آهن: مريم اورنگزيب

في الحال تحريڪ انصاف جو ڪو به ترجمان ناهي، رڳو ٽوئيٽر هينڊل ترجمان آهي

بي شرم ماڻهو پڇي ٿو ته 9 مئي جي واقعن مان ڪنهن کي فائدو ٿيو؟ 9 مئي جي واقعن جو فائدو رڳو پاڪستان دشمنن کي ٿيو آهي

اهوئي شخص چوندو هو ته سندس گرفتاري تي ردعمل ضرور ايندو، توهان کي پنهنجو ڏوهه خبر آهي : پريس ڪانفرنس

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سنڌ سماءَ واري مملڪتي وزير مريم اورنگزيب جو چوڻ آهي ته پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين جا پراڪسيز پڙهه ۾ موجود آهن. في الحال تحريڪ انصاف جو ڪو به ترجمان ناهي، رڳو ٽوئيٽر هينڊل ترجمان آهي. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مريم اورنگزيب چيو ته هن پي ٽي آءِ چيئرمين تي تنقيد ڪندي چيو ته بي شرم ماڻهو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: سنڌ سماءَ واري مملڪتي وزير مريم اورنگزيب پريس ڪانفرنس ڪري رهي آهي

نواز شريف جيل وڃڻ لاءِ تيار، ساٿين سان مشاورتي عمل جاري

ن ليگ قائد نواز شريف پاڪستان ۾ پنهنجي بااعتماد ساٿين سان ٽيليفونڪ رابطا ڪري رهيو آهي : پارٽي ذريعا

اڳوڻو وزيراعظم اڳوڻن پارليامينٽ ميمبرن سان پنهنجي ڏيهه واپسي ۽ پارٽي معاملن تي مشاورت ڪري رهيو آهي

نواز شريف پراڻن ساٿين سان گفتگو ڪندي چيو ته ڏيهه واپسي تي ڪجهه عرصي لاءِ جيل وڃڻو پيو ته به ويندس

لاهور (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف جي ڏيهه واپسي جي حتمي تاريخ طئي ڪرڻ لاءِ مشاورتي عمل جاري آهي. پارٽي ذريعن موجب ن ليگ قائد نواز شريف پاڪستان ۾ پنهنجي بااعتماد ساٿين سان ٽيليفونڪ رابطا ڪري رهيو آهي. هو موجوده /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ناميدي ڪفر، ڪا به طاقت پاڪستان کي ترقي کان روڪي نه ٿي سگهي: آرمي چيف

اسان سڀ هتي پاڪستان کي ڀيهر سرسبز بڻائڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون : جنرل عاصم منير

الله پاڪستان کي ڪيترين ئي نعمتن عطا ڪيون آهن. اسان هڪ باصلاحيت قوم آهيون

ضرورت رڳو اها آهي ته ان جي ترقي ۾ گڏجي ڪري پنهنجو ڪردار ادا ڪريون : سيمينار کي خطاب

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) آرمي چيف جنرل عاصم منير جو چوڻ آهي ته مسلمان لاءِ نا اميد ٿيڻ ڪفر آهي. دنيا جي ڪا به طاقت پاڪستان کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي سان اٽارني جنرل منصور عثمان اعوان ملاقات ڪري رهيو آهي

دبئي جي ايئرلائن
اميريٽس پاڪستانين لاءِ
نوڪري جا در کوليا ڇڏيا

دبئي (م ڊ) دبئي جي ايئرلائن اميريٽس پاڪستانين لاءِ نوڪري جا در کوليا ڇڏيا آهن. ايئرلائنز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪراچي ۾ ايم ڪيو ايم لنڊن جي ريلي تي ڪيس داخل

ڪورنگي ۾ ريلي ڪڍڻ تي ايم ڪيو ايم باني سميت 100 کان وڌيڪ ماڻهن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

ڪيس ۾ 39 جوابدارن جا نالا داخل ڪيا ويا آهن، جڏهن ته ريلي دوران 4 ڄڻن کي گرفتار به ڪيو ويو : پوليس

ڪراچي (م ڊ) پوليس ايم ڪيو ايم لنڊن جي ڪارڪنن طرفان ريلي ڪڍڻ تي ڪيس داخل ڪري ورتو. پوليس موجب ايم ڪيو ايم لنڊن طرفان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

آمريڪي ڊالر جو اڳهه جلد 250 رپين جي سطح تي اچڻ جي اڳڪٿي

رپئي جي ڀيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي قيمت ۾ واڌ عارضي آهي : ملڪ بوستان

گهريلو ڊيمانڊ پوري ٿيندي ئي ڊالر ٻيهر بيڪ فوٽ تي اچي ويندو

ڪراچي (م ڊ) ايڪسچينج ايسوسيئيشن آف پاڪستان جي چيئرمين ملڪ بوستان چيو آهي ته رپئي جي ڀيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي قيمت ۾ واڌ عارضي آهي. جلد قيمت 250 رپين جي سطح تي اچي ويندي. نجي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اڳوڻو وزيراعظم نواز شريف (فائيل فوٽو)

زمان پارڪ ۾ پوليس تي حملن جي ڪيس ۾ جي آءِ ٽي خلاف پي ٽي آءِ جون درخواستون رد

لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس طارق سليم شيخ، جسٽس فاروق حيدر ۽ جسٽس امجد رفيق تي ٻڌل بئنچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

عدالت زمان پارڪ ۾ پوليس تي حملن جي ڪيسن ۾ جي آءِ ٽي جوڙڻ خلاف پي ٽي آءِ جون درخواستون رد ڪري ڇڏيون

درخواستگذار انفرادي طور ٽرائل ڪورٽ سان رابطو ڪري سگهي ٿو : عدالتي فيصلي جو متن

لاهور (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ زمان پارڪ تي پوليس تي حملن جي ڪيس ۾ جي آءِ ٽي جوڙڻ خلاف درخواستون رد ڪري ڇڏيون. لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس طارق سليم شيخ، جسٽس فاروق حيدر ۽ جسٽس امجد رفيق تي ٻڌل بئنچ ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

آڪٽوبر ۾ گرمي هوندي، نومبر ۾ چونڊون ٿين ته بهتر ٿيندو: خواجا آصف

پي ٽي آءِ کي اقتدار ۾ آڻيندڙ چيئرمين اپريل 2019ع ۾ ئي تنگ ٿي چڪو هو

سپريم ڪورٽ 2017ع ۾ فوجي عدالتن ۾ ٽرائل جي حمايت ڪئي آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) بجلي واري وزير خواجا آصف جو چوڻ آهي ته پي ٽي آءِ کي اقتدار ۾ آڻيندڙ چيئرمين اپريل 2019ع ۾ ئي تنگ ٿي چڪو هو. ڪيس خطا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسلام آباد: بجلي واري وفاقي وزير خواجا آصف قومي اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي

ڪنهن کي به احتساب کان ڇوٽ حاصل ناهي: توشا خانا ڪيس جو لکت فيصلو

سيشن ڪورٽ تحريڪ انصاف چيئرمين خلاف توشا خانا ڪيس ٻڌڻي جوڳو هجڻ جو لکت فيصلو جاري ڪري ڇڏيو

ڪنهن کي احتساب کان ڇوٽ حاصل ناهي، خاص طور تي جڏهن ڳالهه فراڊ جي هجي : عدالتي فيصلو

پبلڪ آفيس هولڊر جي هر عمل جي تفصيلن کي ڏسڻ عدالت جو اختيار آهي

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ تحريڪ انصاف چيئرمين خلاف توشا خانا ڪيس ٻڌڻي جوڳو هجڻ جو لکت فيصلو جاري ڪري ڇڏيو. ڪجهه ڏينهن اڳ اسلام آباد جي سيشن عدالت تحريڪ انصاف چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اليڪشن ڪميشن پاران پنجاب ۾ مڪاني چونڊن لاءِ سمورا انتظام مڪمل

چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ پنجاب ۽ اسلام آباد ۾ مڪاني ادارن جي چونڊن جي معاملي تي غور ويچار ڪيو ويو

گهرو وزارت 12 جولاءِ تائين مخصوص سيٽن جو انگ ٻڌائيندي : عملدار

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان پنجاب ۾ مڪاني چونڊن جا سمورا انتظام مڪمل ڪري ورتا آهن. اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان ۾ چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي صدارت هيٺ اجلاس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار قومي اسيمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف سان ملاقات ڪندي

پاڪستان کي ٻيهرون پيرو
اولمپڪ هاڪي ڪواليفائنگ
رائونڊ جي ميزباني ملي وئي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان کي ٻيهرون پيرو اولمپڪ هاڪي ڪواليفائنگ رائونڊ جي ميزباني ملي وئي، جيڪو 13 کان 21 جنوري 2024 تائين لاهور ۾ ٿيندو. انٽرنيشنل هاڪي فيڊريشن پاڪستان کي ٻيهرون پيرو اولمپڪ هاڪي ڪواليفائنگ رائونڊ جي ميزباني ڏني آهي. 8 ملڪن جي ٽيمن وچ ۾ 13 کان 21 جنوري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

نيپرا بجلي وڌيڪ مهانگي ڪري ڇڏي

نيپرا ٽن مهينن جي ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ بجلي هڪ رپيو 24 پئسا في يونٽ مهانگي ڪئي

نيپرا گذريل هفتي بجلي جي اگهه ۾ واڌ جي منظوري ڏني هئي

اسلام آباد (م ڊ) نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (نيپرا) بجلي جي اگهه ۾ واڌ جي منظوري ڏئي ڇڏي. نيپرا ٽن مهينن جي ايڊجسٽمينٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سنڌ ۾ قبيلائي تڪرار ناسور جي شڪل اختيار ڪري چڪا: محمد حسين محنتي

اهڙن قبيلائي جهيڙن جي ڪري اڄ تائين سوين انسان قتل جڏهن ته ڪيترائي ويڙها ويران ٿي چڪا آهن

گذريل ڏينهن آءِ بي اي جي اعلى تعليم يافته نوجوان پروفيسر اجمل ساوند به اهڙي تڪرار جي ورچڙهي پنهنجي جان وڃائي ويٺو

افسوس جو سنڌ حڪومت خاموش تماشائي بلڪ اهڙن ظالم ڀوتارن ۽ سردارن جي پٺڀرائي ڪري رهي آهي

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير اڳوڻي ايم اين اي محمد حسين محنتي گهوٽڪي ۾ ساوند ۽ سنڌراڻي قبيلي وچ ۾ ويڙهاند جي نتيجي ۾ 14 سالن جي بشريٰ ساوند سميت ٽن ماڻهن جي قتل جي سخت مذمت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: جماعت اسلامي سنڌ جو امير ۽ اڳوڻو ايم اين اي محمد حسين محنتي اجلاس دوران ڳالهائي رهيو آهي

عالمي منڊي ۾ خام مال جي اگهه ۾
اوچتي لاٿ سب اسٽيل جي شين جي
مقامي اگهن ۾ به وڏي لاٿ

ڪراچي (م ڊ) عالمي منڊي ۾ خام مال جي اگهه ۾ اوچتي لاٿ سب اسٽيل جي شين جي مقامي اگهن ۾ به وڏي لاٿ آئي آهي. گهريلو اسٽيل پروڊيوسرز، انٽرنيشنل اسٽيلز لميٽڊ، عائشا اسٽيل ملز لميٽڊ ڪولڊ رولڊ ڪوائل ۽ هاٽ ڊپڊ گيلوانائزڊ ڪوائل جي اگهن ۾ 25 هزار رپيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

شهريار آفريدي جي ضمانت واري درخواست رد

شهريار آفريدي دهشتگردي ٽوڙ عدالت جي جج حامد حسين جي عدالت ۾ ضمانت جي درخواست داخل ڪئي

ٻڌڻي کانپوءِ دهشتگردي ٽوڙ عدالت شهريار آفريدي جي ضمانت واري درخواست رد ڪري ڇڏي

تحريڪ انصاف اڳواڻ شهريار آفريدي

راولپنڊي (م ڊ) راولپنڊي جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت جنرل هيڊڪوارٽر (جي ايڇ ڪيو) حملي ڪيس ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ شهريار آفريدي جي ضمانت واري درخواست رد ڪري ڇڏي. شهريار آفريدي دهشتگردي ٽوڙ عدالت جي جج حامد حسين جي عدالت ۾ ضمانت جي درخواست داخل ڪئي. ٻڌڻي کانپوءِ دهشتگردي ٽوڙ عدالت شهريار آفريدي جي ضمانت واري درخواست رد ڪري ڇڏي. عدالت شهريار آفريدي جي جوڊيشل ريمانڊ ۾ 24 جولاءِ تائين واڌ ڪري ڇڏي.

ڪنڊڪوٽ ۾ پوليس جو آپريشن، اغوا ٿيل 3 ڇوڪريون ڌاڙيلن جي چنبي مان آزاد

ڳڙهي تيغو ۾ پوليس ڇوڪرين جي آزادي لاءِ سرچ آپريشن ڪيو، جنهن ۾ ٽن ڇوڪرين کي آزاد ڪرايو ويو : پوليس

ڇوڪريون ڊانسر آهن. ڪين ڏيڍ مهينو اڳ شادي جي تقريب بهاني ڪراچي مان گهرايو ويو هو : ايس ايس پي عرفان سمون

ڪنڊڪوٽ (رپورٽر) ڪنڊڪوٽ پوليس اغوا ٿيل ٽي ڇوڪريون ڌاڙيلن جي چنبي مان آزاد ڪرائي ورتيون. پوليس موجب ڪنڊڪوٽ جي علائقي ڳڙهي تيغو ۾ پوليس ڇوڪرين جي آزادي لاءِ سرچ آپريشن ڪيو. جنهن ۾ ٽن ڇوڪرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

جيل جو عملو سهولتون ڏئي تصويرون ڪڍڻ کان پوءِ سامان واپس کڻي ويندو آهي: پرويز الاهي

پرويز الاهي صاحب ٻڌايو ڪڏهن کان جيل ۾ آهيو؟ (عدالت) جيل ۾ پريشانين کان سواءِ ٻيو ڪجهه ناهي : پرويز الاهي

جيل ۾ جتي مون کي رکيو ويو آهي اتي تمام گهڻا جيت ۽ ماڪوڙا هوندا آهن

مون کي بي ڪلاس جي سهوليت نه ڏني وئي آهي، منهنجا پير به سُڄي پيا آهن

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف جي صدر پرويز الاهي کي جيل ۾ بي ڪلاس جون سهولتون نه ڏيڻ خلاف درخواست تي عدالت آءِ جي جيل ۽ ايڊيشنل چيف سيڪريٽري کي اڳاري تي طلب ڪري ورتو. پرويز الاهي چيو ته عدالتي حڪم تي سهولتون ڏئي تصويرون ڪڍيون وينديون آهن جنهن کان پوءِ سامان واپس کنيو ويندو آهي. رپورٽ موجب لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ جسٽس امجد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ودير: گلستان جوهر کانپوءِ عورت سان بداخلاقي جو ٻيو واقعو، ڪيس داخل

رياست جي فرياد تي مارگلا ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو

اهو ڪيس انسٽاگرام ۽ ٽوئيٽر تي وائرل هڪ وڊيو جي رد عمل ۾ داخل ڪيو ويو

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد پوليس ايف 9 پارڪ ۾ عورتن کي هراسان ڪرڻ جي الزام ۾ هڪ شخص خلاف ڪيس داخل ڪيو آهي. رياست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

محبوب توهان جي قدمن ۾ ۽ حڪيمن جي اشتهارن جو هاڻ علاج ڪنداسين: مرتضيٰ وهاب

ڪجهه سال اڳ تائين شاهراهه فيصل جو خراب حال هو، پ پ حڪومت شاهراهه فيصل جي ڊرينيج نظام کي بهتر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو

مختلف هنڌن تي نيون ڊرينز وڌيون ويون. گذريل برساتن ۾ شاهراهه فيصل تي پاڻي نه بيٺو

هاڻ شاهراهه فيصل تي توهان کي سياسي جماعت جو جهنڊو نظر نه ايندو، اسان پنهنجي جماعت سميت سڀني جماعتن جا جهنڊا لاٿا آهن

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته محبوب توهان جي قدمن ۾ ۽ حڪيمن جي اشتهارن جو هاڻ علاج ڪنداسين. روڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڪراچي جو ميئر مرتضيٰ وهاب

ڪراچي مان 2 ڪسٽم آفيسرن جي پراسرار گمشدگي: حدن جي تڪرار سبب ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

سائوٽ پوليس روايتي حدن جو تڪرار جاٿائي معاملي تي ضلعي شرقي پوليس کي ذميوار قرار ڏئي ڇڏيو

سپرنٽينڊنٽ طارق محمود ۽ ياور عباس جمعي 7 جولاءِ جي شام پنهنجي آفيس مان گهر جي لاءِ نڪرڻ کان پوءِ گم ٿي ويا هئا

آفيسرن جي گهر ڀاتين پاران ڪيل رابطي کان پوءِ درخواست ڏني وئي جنهن کان پوءِ سائوٽ پوليس جاچ جي شروعات ڪئي هئي

ڪراچي (م ڊ) پاڪستان ڪسٽم جي ٻن سينئر آفيسرن جي ڪراچي مان پراسرار گمشدگي کي 3 ڏينهن گذرڻ باوجود ڪيس داخل نه ٿي سگهيو. سائوٽ پوليس روايتي حدن جو تڪرار جاٿائي معاملي تي ضلعي شرقي پوليس کي ذميوار قرار ڏئي ڇڏيو. سپرنٽينڊنٽ طارق محمود ۽ ياور عباس جمعي 7 جولاءِ جي شام پنهنجي آفيس مان گهر جي لاءِ نڪرڻ کان پوءِ گم ٿي ويا هئا. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پراسرار گم ٿي ويل سپرنٽينڊنٽ طارق محمود ۽ ياور عباس (فائيل فوٽو)

پاڪستاني رپيو
دنيا جي مضبوط
ڪرنسي بڻجي ويو

ڪراچي (م ڊ) پاڪستاني رپيو آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ دنيا جي مضبوط ترين ڪرنسي بڻجي ويو. گذريل مهيني جون ۾ پاڪستاني رپئي جي شرح آمريڪي ڪرنسي ڊالر جي ڀيٽ ۾ 3.1 سيڪڙو وڌي آهي جيڪا سڄي دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ آهي. اسپيڪٽر انڊيڪس موجب 2.6 سيڪڙو مطابق هن لسٽ ۾ ناروجين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

نئون صوبو ٺاهيندڙن پٺيان سامراج آمريڪا جي پٺڀرائي حاصل آهي: لال جروار

عالمي سامراجي قوتون پاڪستان ۾ خانا جنگي ڪرائڻ چاهين ٿيون

قومن جون قومي ملڪيتون ڦٻائيندڙ قبضاگيرن ملڪ تي قبضو ڪيو آهي

حيدرآباد (ب ر) عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار، مرڪزي جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار، مرڪزي اڳواڻ عبدالقادر رانٽو ۽ ايڊووڪيٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

خالد الطاف نه ٿي، سنڌ هزارين سالن کان سنڌين جو تاريخي وطن آهي: اياز لطيف

اردو، سنڌي، پنجابي، پشتون ۽ بلوچ ڀائر آهن

ايم ڪيو ايم 12 مئي تي ڪراچي ۾ ماڻهن کي تترن وانگر ذبح ڪيو ويو

حيدرآباد (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو ته خالد مقبول صديقي ٻيو الطاف حسين ٿيڻ جي ڪوشش نه ڪري. سنڌ هزارين سالن کان سنڌين جو تاريخي وطن آهي. سنڌ اسان جي ماءُ آهي ايم ڪيو ايم هميشه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ممتاز مولائي خيرپور جي عدالت ۾ پيش، ملڪ ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو آهي: راڳي

منهنجي ڳايل ڪلام ۾ ڪي به فحش لفظ نه آهن

سنڌي هجڻ سبب تنقيد ڪئي پئي وڃي، سنڌ جي ماڻهن تنقيد جي صورت ۾ پيار ڏنو آهي

خيرپور (رپورٽر) فحش ڪلام ڳائڻ جي الزام هيٺ آيل راڳي ممتاز مولائي، شاعر ۽ ٻيا خيرپور جي عدالت آڏو پيش ٿيا آهن. ممتاز مولائي چيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

مرتضيٰ وهاب رڳو هڪ چهرو آهي، ان جي پٺيان وڏيرا آهن: حافظ نعيم الرحمان

عباسي شهيد اسپتال کي قائم 50 سال گذري ويا آهن. مون اسپتال جو دورو ڪيو، ان وقت هر طرف گندو پاڻي نظر اچي رهيو آهي

15 سالن کان پيپلز پارٽي جي حڪومت آهي پر اهي ڪم نه ڪري رهيا آهن. هن وقت اسپتال ۾ دوا ناهي

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمان چيو آهي ته مرتضيٰ وهاب رڳو هڪ چهرو آهي ان جي پويان ٻيا ڪم ڪندڙ آهن. ڪراچي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته عباسي شهيد اسپتال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪنڌڪوٽ ۾ آءِ بي اي پاس اميدوارن کي آفر آرڊر نه مليا، اميدوارن جو ڀڙئين ڏينهن به احتجاج

اميدوارن پاران ضلعي ڪامپليڪس اڳيان ڊي اي او ڪشمور خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

سرفراز شاهه ڪليم الله ڀيو، منظور اوڳاهي، سبحان اوڳاهي، نظير باجڪاڻي بک هڙتال ڪئي

اسان کي لڳاتار نون مهينن کان وٺي اسان سان ناجائزي ٿي رهي آهي، نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ: غالب بلوچ) آءِ بي اي پاس اميدوارن کي آفر آرڊر نه مليا اميدوارن جو ٽئي ڏينهن به ضلع ڪامپليڪس اڳيان احتجاجي جاري خبر موجب ڪنڌڪوٽ ۾ ٽي ڏينهن به آءِ بي اي جي پاس اميدوارن پاران ضلعي ڪامپليڪس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڪنڌڪوٽ: آءِ بي اي پاس ٽيسٽ اميدوار مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

پاڪستان فيڊرل يونين آف
جرنلسٽس جي صدر جي صدر افضل
بٽ جي والد جي تعزيت هلنڌڙ

سکر (امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي صدر افضل بٽ جي والد جي وفات ۽ سکر پريس ڪلب ۽ سکر يونين آف جرنلسٽس جي اڳوڻي صدر جاويد ميمڻ جي جوٽين ورسي جي حوالي سان سکر يونين آف جرنلسٽس جو تعزيتي اجلاس يونين جي صدر امداد بوزدار جي صدارت هيٺ سکر پريس ڪلب ۾ ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڪنڌڪوٽ ۾ 15 مددگار جي بهترين ڪارروائي، 14 جواري گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

سي آءِ اي پوليس ۽ 15 مددگار شهر جي منشيات فروشن ۽ جوارين کان پاڪ ڪيان: خليل احمد لغاري

نور حسن بنگوار الله بخش ٻٽو فوڊ آفيس جي بر ۾ نالي نصيراڻي، رحيم بخش ٻٽو ۽ ٻين کي نوٽيس جاري

ٺٽون ديرو (رپورٽ: شاد پٽو) ڪنڌڪوٽ ۾ 15 مددگار جي بهترين ڪارروائي، 14 جواري گرفتار 15 مددگار جي انچارج خليل احمد لغاري جي اڳواڻي ۾ سي آءِ اي پوليس ۽ 15 مددگار شهر جي منشيات فروشن ۽ جوارين کان پاڪ ڪيان، ان ڪري شهري مون سان تعاون ڪن ۽ هن اهوئي به چيو آهي ته آئون منشيات وڪرو ڪندڙ ڊيلر نور حسن بنگوار الله بخش ٻٽو فوڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهروفيروز ۾ وسطڙا برادري پاران لاش نيشنل پريس ڪلب اڳيان رکي احتجاج

ميڊيڪل سينٽر جي ڊاڪٽرياڻي شبانه چنا اسان سان وڏو ظلم ڪيو آهي: مظاهرين جو الزام

ڊاڪٽرياڻي شبانه چنا اسان کي چيو ته نارمل ڊليوري آهي پر آپريشن دوران ٻار جي منڍي ڪٽي ڇڏي

ڊاڪٽرياڻي شبانه چنا ۽ سيڪٽرڻ عملي کي گرفتار ڪري ڪوس گهر کي تالو لڳايو وڃي: ڳالهيون

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) وسطڙا برادري پاران لاش نيشنل پريس ڪلب اڳيان رکي احتجاج ٻارڙي جي ڏاڏي ڪرم الله وسطڙو ميڊيا کي ٻڌايو ته عرض ميڊيڪل سينٽر جي ڊاڪٽرياڻي شبانه چنا اسان سان وڏو ظلم ڪيو آ ڊليوري دوران ٻار جو گلو ڪٽي ڇڏيو ڊاڪٽرياڻي ڪان ڊار ٻار جي هڪ اک ب ڪڍي ڇڏي آ هنن ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته ڊاڪٽرياڻي شبانه/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز: ڊاڪٽرياڻي شبانه چنا خلاف ڳوٺاڻا احتجاج ڪري رهيا آهن

پ ٽ الف شفيع محمد سنيو
گروپ جو لانگ مارچ جو گهاري
پهچڻ تي ڀرپور استقبال

گهارو (بشار جوکيو) پ ٽ الف شفيع محمد سنيو گروپ جو لانگ مارچ شاهه عبدالڪريم بلڙي جي درگاهه کان ڪراچي ٽائين ويندڙ پانديڙن جو گهاري پهچڻ تي ڀرپور استقبال ڪيو ويو سڄوا. واپاري ايسوسيئشن گهارو ۽ سماجي تنظيمن اجرڪون ۽ گلن جا هار پارائي استقبال ڪيو شفيع سنيو حوجوڻ هو ته اسان استادن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

دراڙا شريف لڳ ڳوٺ وريو واهڻ ۾ هٿياربندن پاران فائرنگ ڪري همراهه کي قتل ڪري ڇڏيو

هٿياربند عجب گل جوٽيجو کي گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو، جوابدار واقعي واري هنڌ تان فرار ٿي ويا

عجب گل جوٽيجو گهر کان جيئن ئي نڪتو ته رستي ۾ سندس تاڙ ۾ ويٺل قتل ڪري ڇڏيو: ذريعن جي دعويٰ

واقعي جو راڻيپور ٿاڻي تي پنج نامعلوم ماڻهن تي اين سي داخل، قتل جو ڪارڻ پراڻو تڪرار ٻڌايو پيو وڃي: پوليس

راڻيپور (رپورٽر) راڻيپور لڳ دراڙا شريف لڳ ڳوٺ وريو واهڻ ۾ ٻن موٽرسائيڪلن تي سوار نامعلوم ماڻهن فائرنگ ڪري عجب گل جوٽيجو کي گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو جوابدار واقعي واري هنڌ تان فرار ٿي ويا راڻيپور ٿاڻي تي پنج نامعلوم ماڻهن مٿا اين سي داخل تفصيل موجب، ڳوٺ وريو واهڻ جو رهواسي عجب گل جوٽيجو گهر کان جيئن ئي نڪتو ته رستي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

جهمپير جي چانگ برادري جي وڏيري الهبچايو چانگ پاران رياض حسين شيرازي جي مان ۾ آجياڻو

سردار رسول بخش جاکرو، حاجي سليمان هيلايو، شبير شورو، سيد نور محمد شاهه، هاشم سولنگي شريڪ

رياض حسين شاهه شيرازي کي پٽڪو ٻڌرائي آيل ٻين مهمانن کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪ پيش ڪيو ويو

چانگ برادري جي معزز وڏيرو الهبچايو چانگ جو ٿورائتو آهيان جنهن مان اعزاز ڏنو آهي: حسين شاهه شيرازي

ٺٽو (ڊ ر) جهمپير جي چانگ برادري جي معزز وڏيرو الهبچايو چانگ پاران جهمپير لڳ پنهنجي ڳوٺ ۾ وزيراعلي سنڌ جي معاون خاص پ پ ايم پي اي سيد رياض حسين شاهه شيرازي جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو. جنهن ۾ سردار رسول بخش/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٺٽو: ايم پي اي سيد رياض شاهه شيرازي ۽ ٻيا تقريب ۾ ويٺل آهن

ڪوٽ غلام محمد شر قومي
اتحاد پاران سول اسپتال ۾ بنيادي
سهولتن جي کوٽ خلاف مظاهرو

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد شر قومي اتحاد تعلقہ صدر عبدالڪريم شر جو سول اسپتال ۾ بنيادي صحولتن جي ڪوٽ ڊاڪٽرن جي کوٽ ڊاياليسز سينٽر کي بحال ڪرائڻ مريضن سان ڊاڪٽرن ۽ عملي پاران ناروا سلوڪ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو خبر موجب: ڪوٽ غلام محمد قومي شر اتحاد پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٽنڊو ويجهو ٽنڊو باگو روڊ تي آر 5 سم نالي کي باٿرن ٽوڙي ڇڏيو، ڳوٺاڻن جو احتجاجي مظاهرو

سم نالي کي ٽوڙڻ خلاف بليدي برادري طرفان ٽنڊو باگو روڊ تي احتجاج ايندڙ ويندڙ گاڏيون بيهي رهيو

عبدالحسين بليدي، مشتاق احمد بليدي، محمد ابراهيم بليدي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو

پ پ اڳواڻ پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪري احتجاج ختم ڪرايو، باٿرن خلاف ڪارروائي جي خاطري

بدين/ٽنڊو (نمائندن وٽان) ٽنڊو ويجهو ٽنڊو باگو روڊ تي آر 5 سم نالي کي باٿرن ٽوڙي ڇڏيو ڳوٺاڻن جي اچ وڃ جو رستو بند بليدي برادري طرفان ٽنڊو باگو روڊ تي احتجاج ايندڙ ويندڙ گاڏيون بيهي رهيو پ پ اڳواڻ پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪري احتجاج ختم ڪرايو تفصيل موجب ٽنڊو ويجهو ٽنڊو باگو روڊ تي آر 5 سم نالي کي باٿر زميندار پاران ٽوڙڻ بعد ڳوٺاڻن جو اچ وڃ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ضلعي ڪائونسل دادو جو تعارفي ۽ بجيٽ اجلاس، 24_2023 جي بجيٽ اتفاق راءِ سان منظور

چيئرمين سيد محمد شاهه سال 24_2023 جي بجيٽ پيش ڪئي، جيڪا متفق طور منظور ڪئي وئي

حڪومت جو عزم آهي ته سيني پٽ تي پيل علائقن کي هڪ جيترا موقعا فراهم ڪيا وڃن: سيد محمد شاهه

بجيٽ ٽيڪس فري هوندي ۽ ترقياتي ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي: اجلاس ۾ ڳالهيون

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ضلعي ڪائونسل دادو جو بجيٽ اجلاس ضلعي ڪائونسل لاءِ چونڊيل پ پ ۽ پي ٽي آءِ ميمبرن اتفاق راءِ سان بجيٽ منظور ڪري ورتي؛ تفصيل موجب ضلعي ڪائونسل دادو جو اجلاس چيئرمين سيد محمد علي جي صدارت هيٺ ضلعي ڪائونسل هال ۾ منعقد ٿيو جڏهن ته سنڌ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ 2013ع تحت ضلعي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

دادو: ضلعي ڪائونسل جي ڪرنايل اجلاس جو ڏيک

ڪنڊيارو لڳ بکري شهر بنيادي
سهولتن کان محروم ٻڌيل،
شهرين جو احتجاجي مظاهرو

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو لڳ بکري شهر بنيادي سهولتن کان محروم ٻڌيل بکري شهرين جو بنيادي سهولتون نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو احتجاج ڪندڙ غلام حيدر ملاح غلام مصطفيٰ ملاح نظام الدين سومرو عرفان علي چنا ۽ ٻين جو چوڻ هيو ته ڪنڊيارو کان ٽيرهن ڪلو ميٽر سنڌو درياهه جي ڪپ تي قديمي شهر بکري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڏاهري برادري جي چيف سردار خان محمد ڏاهري جي مورو شهر آمد، اڳواڻن سان ملاقات

سردار خان محمد ڏاهري جو مورو شهر ۾ عباسي ريسٽورنٽ تي پروگرام تقريب منعقد ڪيو ويو

علي گوهر ڏاهري ڪامريڊ خان ڏاهري ؛ پروفيسر خان محمد ڏاهري حاجي نور محمد ڏاهري شريڪ ٿيا

منهنجو ڪو به اهڙو ارادو ناهي جو مان تڪ تي اليڪشن ۾ بيهان، برادري لاءِ ڪم ڪندس: خان محمد ڏاهري

نوشهر فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) چيف سردار ڏاهري برادري جي خان محمد ڏاهري جي مورو شهر اندر آمد تي 0 جڏهن ت اليڪشن ويجهو اينڊي پي ڏاهري اتحاد پاران چيف سردار خان محمد ڏاهري جو مورو شهر ۾ عباسي ريسٽورنٽ تي پروگرام تقريب منعقد ڪيي ويي جنهن جي اڳوائي علي گوهر ڏاهري ڪامريڊ خان ڏاهري : پروفيسر خان محمد ڏاهري حاجي نور محمد ڏاهري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٽنڊو باگو جي شهر ڪوسڪي بائي پاس بهادر واهه وٽ هٿياربندن پاران ڦرلٽ

ٻن نقاب پوش ڦورن عبدالستار جمالي کي پسٽل جي زور تي يرغمال بڻائي ڦر ڪئي

ڪوسڪي پوليس جي حد ۾ ڦر جو هي ٻن مهينن اندر ٽيون واقعو پيش آيو آهي: رهواسي

ٽنڊو باگو (رپورٽ: سهيل سمون) ٽنڊو باگو تعلقي جي شهر ڪوسڪي بائي پاس بهادر واهه وٽ ٻن نقاب پوش ڦورن نوجوانن راهه ويندڙ عبدالستار جمالي کي پسٽل جي زور تي روڪي موبائل فون ويوسي ڊي موٽر سائيڪل ڪجهه پيسا ڦر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

رٽيديري جو قديم ۽ تاريخي ڳوٺ علي بيگ خان ڪوڙائي بنيادي سهولتن کان محروم

بجلي ۽ گيس سميت بنيادي سهولتون اڻلڀ: ڳوٺاڻا پٿر جي دور واري زندگي گهارڻ لڳا

گيس جي فراهمي وارو ڪم ٻه سالن کان رولڙي جو شڪار، هفتن جا هفتا بجلي بند معمول بڻيل

ٺٽون ديرو (شاد محمود پٽو) رٽيديري تعلقي جو قديم ۽ تاريخي ڳوٺ علي بيگ خان ڪوڙائي بنيادي سهولتن کان محروم تعليم صحت بجلي ۽ گيس سميت بنيادي سهولتون اڻلڀ: ڳوٺاڻا پٿر جي دور واري زندگي گهارڻ لڳا 12 سال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٺٽون ديرو: ڳوٺ علي بيگ خان ڪوڙائي جون مختلف سرڪاري عمارتون ويران نظر اچي رهيون آهن

سکر ۾ پرچي جوا خلاف ڊي آئي بي ۽ سکر پوليس جي گڏيل گرينڊ آپريشن

ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ جي هدايت تي اي سيڪشن پوليس ڪارروائي ڪئي

ٽانگو اسٽينڊ، ڊڪ روڊ، شمس آباد، بچل شاهه مياڻي سميت ديگر علائقي ۾ ڪارروايون

سکر (امداد علي گل ڪلوڙ) پرچي جوا خلاف ڊي آئي بي پوليس ۽ سکر پوليس جي مشترڪ گرينڊ آپريشن، 10 کان وڌيڪ جوابدار گرفتار، آڪڙا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سکر آرٽس ڪائونسل طرفان سنڌ جي ناميارا تاريخدان رحيمداد خان مولائي جي سالگرهه

رحيمداد خان مولائي شيدائي جي 130 هين سالگرهه تقريب، ڪيڪ ڪاٽيو ويو، پيتا پيش

مولائي شيدائي جا ڪتاب جلد شايع ڪرڻ ۽ آخري آرامگاهه جي حفاظت لاءِ چوديواري ڏيارڻ جي گهر

سکر (امداد علي گل ڪلوڙ) سکر آرٽس ڪائونسل طرفان سنڌ جي ناميارا تاريخدان رحيمداد خان مولائي شيدائي جي 130 هين سالگرهه تقريب، ڪيڪ ڪاٽيو ويو، پيتا پيش، مولائي شيدائي جنت السنڌ، تاريخ اسلام، سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

اوباوڙو ويجهو ڪمون شهيد ٻر سان سيهڙ واهه کي 50 فٽ گهارو، فصل پاڻي هيٺ

گهاري سبب پاڻي جو تيز واهڪرو هجڻ ڪري پاڻي ڳوٺن ۾ پهچي گهرن ۾ داخل ٿي ويو

آبپاشي علي جي ملي ڀڳت سان سيهڙ واهه مان مٽي وڪرو ڪئي وئي: علائقي واسي جو الزام

اوباوڙو (رپورٽ: غلام علي رند) اوباوڙو ويجهو ڪمون شهيد ٻر سان سيهڙ واهه کي 50 فٽ گهارو، ڪمند ساريون ۽ ووٽڻ جو فصل سوين ايڪڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

اوباوڙو: سيهڙ واهه کي لڳل گهاري جو ڏيک

خانپور مهر ۾ هيلٿ ڪيئر ڪميشن ٽيم جا عطائي ڊاڪٽرن جي ڪلينڪن تي ڇاپا

ڪميشن سکر جي ٽيم عطائي ڊاڪٽرن جي اسپتالن ڇاپا هڻي چار ڪلينڪون سيل ڪيون

ڊپٽي ڊائريڪٽر مجاهد حسين، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڪاشف سومرو جي اڳواڻي ۾ ڇاپا هنيا ويا

خانپور مهر (آفتاب سيال) خانپور مهر ۾ هيلٿ ڪيئر ڪميشن ٽيم جا عطائي ڊاڪٽرن جي ڪلينڪس ۽ غيرقانوني هلندڙ ميڊيڪل اسٽورن تي ڇاپا. 4 اسپتالون سيل، خبر موجب، خانپور مهر ۾ هيلٿ ڪيئر ڪميشن سکر جي ٽيم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

شيخ پرڪيو پرسان علي محمد هاليپوٽو ڳوٺ جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

مائٽ پارو ڪولهي سان جهيڙو ٿيو هو جنهن تان غلط فهمي ۾ اچي احتجاج ڪيو: ڳالهيون

اسان سردار پٺاڻ ۽ ٻين ماڻهن جا نالا ڪنيا هئا جيڪي غلط فهمي ۾ ڪنيا غلطي تسليم ٿا ڪريون

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) شيخ پرڪيو پرسان علي محمد هاليپوٽو ڳوٺ جي رهواسين پاران احتجاج دوران لڳايل الزامن جي ترديد ڪري ڇڏي انهن چيو ته اسان جو پنهنجي مائٽ پارو ڪولهي سان جهيڙو ٿيو هو جنهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

بدين: باٿر زميندار خلاف ڳوٺاڻا احتجاج ڪري رهيا آهن

ضلعي ڪائونسل ٺٽي جو پهريون اجلاس ۽ تعارفي ڪچهري، اهم معاملن تي ڳالهيون

ڪچهري چيئرمين ضلعو ڪائونسل ٺٽو حميد پنهور جي صدارت ۾ شهيد بينظير ڀٽو هال ۾ ٿيو

سمورن ميمبرن مخصوص سيٽن تي چونڊيل عورت ڪائونسلرن ۽ اقليتي ميمبرن شرڪت ڪئي

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) ضلعي ڪائونسل ٺٽي جو پهريون اجلاس ۽ تعارفي ڪچهري چيئرمين ضلعو ڪائونسل ٺٽو حميد پنهور جي صدارت ۾ شهيد بينظير ڀٽو هال ضلعي ڪائونسل ٺٽو ۾ منعقد ڪيو ويڪ اجلاس ۾/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڪنڌرا جي رهواسي جاگيراڻي برادري جي عورتن ۽ مردن پاران احتجاجي مظاهرو

مستري پٽنگ جاگيراڻي، نظير احمد، والده روزينه جاگيراڻي جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

پوليس جوابدار عبدالصمد جاگيراڻي کي گرفتار ڪيو آهي، اسان سان انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

سکر (بيورو رپورٽ) ڪنڌرا جي رهواسي جاگيراڻي برادري جي عورتن ۽ مردن پاران عيد جي ٻئي ڏينهن تي قتل ٿيل ويهه سالن جي ثريا جاگيراڻي جي قتل خلاف مستري پٽنگ جاگيراڻي، نظير احمد، والده روزينه جاگيراڻي ,فرمان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سٽيبن ۾ پاڪ ڪتاب جي بيحرمتي ناقابل معافي ڏوهه سمجهان: سلمان عاطف مغل

عبدالمنان_ذيشان شيخ_مجيب قمر اڪاش ڀائي سميت وڏي انگ ۾ اڳواڻن مظاهرو ڪيو

مقدس ڪتاب جي بيحرمتي باوجود مسلم امت جا بي حس حڪمران خاموش تماشائي بڻيل آهن

گمبٽ (رپورٽ عبدالحي شيخ) سٽيبن ۾ پاڪ ڪتاب جي بيحرمتي ناقابل معافي ڏوهه سمجهان خبر موجب: احساس سوشل فورم جو چيئرمن ايڊووڪيٽ سلمان عاطف مغل سندس جي اڳواڻي ۾ گمبٽ پريس ڪلب تي احتجاجي مظاهرو ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33


دڙو: پيرا ميڊيڪل اسٽاف جا اڳواڻ ڊائريڪٽر خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ڊائريڪٽر گمس گمبٽ ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي جي انتقامي ڪاروائين خلاف احتجاجي مظاهرو

پيرا ميڊيڪل اسٽاف جوائنٽ ايڪشن ڪاميٽي ضلع ڪنڌڪوٽ پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ڊي ايڇ او آفيس کان مين ايمرجنسي بلاڪ سول اسپتال ڪنڌڪوٽ جي سامهون ڌرڻو هنيو ويو

ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي ڊائريڪٽر گمس گمبٽ جو سنڌي ملازمن سان ناروا سلوڪ آهي: مظاهرين

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ: غالب بلوچ) ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي ڊائريڪٽر گمس گمبٽ جي انتقامي ڪاروائين خلاف پيرا ميڊيڪل اسٽاف جوائنٽ ايڪشن ڪاميٽي ضلع ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ جي سڏ تي سول اسپتال ڪنڌڪوٽ ۾/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ڪنڌڪوٽ: گمس ڊائريڪٽر ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي خلاف ڳوٺاڻا احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي
ميمبر شهناز شيخ کي حج جي سعادت
حاصل ڪرڻ تي مبارڪون

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي ميمبر، پيپلزپارٽي ليڊيز ونگ جي اڳواڻ شهناز شيخ کي حج جي سعادت حاصل ڪرڻ ۽ سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي ڪمشنر محمد علي شيخ کي عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ تي سکر مهراڻ ڪلچرل هال ۾ تقريب ڪرائي وئي تقريب ۾ مهمان خاص شهناز شيخ. ميونسپل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

لازوال جدوجهد جي ذريعي واپارين جا مسئلا بهتر انداز سان حل ڪرايا آهن: محمد جاويد ميمڻ

مسئلن جي حل لاءِ ڀرپور ڏينهن کان مصروف عمل آهي. الحمد الله تنظيم جي قيام کي چار سال مڪمل ٿيا آهن

اڳواڻن سان قدم بقدم اسان سان گڏ رهي ڪري واپارين جي مسئلن جي حل لاءِ پنهنجو بهترين ڪردار ادا ڪيو

سکر (بيورو رپورٽ) مرڪزي تنظيم تاجران پاڪستان جي نائب صدر ۽ سکر اسمال ٽريڊرز جي صدر حاجي محمد جاويد ميمڻ چيو آهي ته اسان هميشه مرڪزي تنظيم تاجران پاڪستان جي پليٽ فارم تان مرڪزي صدر محمد ڪاشف چوڌري، سيڪريٽري جنرل عبدالقيوم آغا ۽ ٻين اڳواڻن جي قيادت ۾ پوري ملڪ جي واپارين جي بي لوث خدمت ڪري لازوال جدوجهد جي ذريعي واپارين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نوشهروفيروز ۾ بدامني چوٽ تي چڙهيل موٽرسائيڪلن چوري ٿيڻ معمول بڻيل

شهر ۾ ڦرلٽ جي واردتن ۽ ماڻهن کان روڪ رقم کسڻ جو سلسلو رڪجي نه سگهيو

علي نواز راڄپر، عبدالرحيم راڄپر، اقبال راڄپر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

نوشهروفيروز ۽ آس پاس جي علائقن ۾ بدامني عروج تي آهي ڪو به محفوظ ڪونهي: مظاهرين

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) نوشهروفيروز ۾ بدامني چوٽ تي چڙهيل موٽرسائيڪلن چوري ٿيڻ ڦرجي واردتن ۽ ماڻهن کان روڪ رقم کسڻ جو سلسلو رڪجي نه سگهيو ڳوٺاڻن پاران اڄ ٽئي ڏينهن به احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي علي نواز راڄپر، عبدالرحيم راڄپر، اقبال راڄپر ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي هنن چيو ته هنتر اڳ ائي جي واپاري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نوشهروفيروز: وڏيرن بدامني خلاف رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز شهر گندگي جو
ڍير بڻجي ويو، سمورا رستا
گندي پاڻي جو تلاءُ بڻيل

نوشهروفيروز: (رپورٽر) نوشهروفيروز شهر گندگي جو ڍير بڻجي ويو، سمورا رستا گندي پاڻي جو تلاءُ بڻيل، شهري عذاب ۾ مبتلا، ميونسپل چيئرمين، ڪائونسلر ۽ ڊي سي خاموش تماشائي بڻجي ويا، مختلف سياسي سماجي ڌرين جو پريس ڪلب نوشهروفيروز اڳيان احتجاجي مظاهرو، احتجاج جي اڳواڻي ايس يو پي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ايس ايس پي ٺٽو ۽ ايس ايڇ او گهوڙاٻاري خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي ۾ پٽيشن داخل

گهوڙاٻاري جي سينئر صحافي سيد امير شاهه پاڏائي جي فرياد تي پٽيشن داخل ڪئي وئي

منشيات سماجي برائين خلاف لکڻ فرض ۽ صحافتي ذميوارين ۾ شامل هجي ٿو: امير شاهه پاڏائي

پوليس مون کي ڏوهارين جيان گرفتار ڪري هڪ پراڻي ۽ نامعلوم ايف آئي آر ۾ شامل ڪري ڇڏيو

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) ايس ايس پي ٺٽو ۽ ايس ايڇ او گهوڙاٻاري مختيار ڪلهوڙو خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي ۾ گهوڙاٻاري جي سينئر صحافي سيد امير شاهه پاڏائي جي فرياد تي پٽيشن داخل گهوڙاٻاري جي صحافي سيد امير شاهه پاڏائي پٽيشن ۾ موقف اختيار ڪندي ڄاڻايو آهي ته گهوڙاٻاري ٿاڻي تي مقرر ايس ايڇ او مختيار ڪلهوڙو جيڪو لاڙڪاڻي ۾ قتل ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

پ پ ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر ايم پي اي فريال ٽالپر سان بلدياتي نمائندن جي ملاقات

فريال ٽالپر ۽ پ پ صوبه سنڌ جي صدر سينيٽر نثار احمد کهڙو سان اڳواڻن ملاقاتون ڪيون

محمد مراد پٽو ميونسپل ڪاميٽي ٺٽون ديرو جي چيئرمين حاجي عبدالخالق پٽو ۽ ٻين ملاقات ڪئي

سيد ڪاشف اعظم شاهه راشدي، ظهير احمد ميراڻي، چوئٿ مل، منور سيٺار، نثار احمد ميراڻي مسئلا ٻڌايا

ٺٽون ديرو (رپورٽ شاد محمود پٽو) پ پ ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر ايم پي اي فريال ٽالپر سان پ پ اڳواڻن ۽ چونڊيل بلدياتي نمائندن جي ٺٽون ديرو هائوس ۾ ملاقات. صوبائي صدر نثار احمد کهڙو ۾ موجود، تفصيل موجب پاڪستان پيپلزپارٽي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٺٽون ديرو: مڪاني چونڊن ۾ ڪامياب اميدوار فريال ٽالپر سان ملاقات بعد گڏ بيٺل آهن

دولت پور صفن جي ڪچي جي
ڳوٺ لغاري بجراڻي ۾ زمين
جي معاملي تان تڪرار برقرار

دولت پور صفن (رپورٽر) ڪچي جي ڳوٺ لغاري بجراڻي ۾ زمين جي معاملي تان ڪورائي برادري وچ ۾ هلندڙ تڪرار نه ٽيريو ڪنهن به وقت خوني جهڙي جو خطرو پيدا خور مبين ڪورائي اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي دولت پور ۾ ڪورائي برادري جو احتجاج خبر موجب ڪچي جي علائقي ڳوٺ لغاري بجراڻي ڪورائي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

شهدادڪوٽ ۾ شهري اتحاد پاران نادرا آفيس جي شهر کان ٻاهر منتقلي خلاف احتجاجي مظاهرو

شهرين پاران مرحليوار تحريڪ جي شروعات، ڪوٽو موٽو چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

جي يو آءِ، ن ليگ، جماعت اسلامي، سنڌ آبادگار بورڊ، سنڌ تعميرات ليبر يونين، جسقم، پ ٽ الف شريڪ ٿيا

وهاب پندراڻي، حبدار ميرجت، سيد علي اڪبر شاهه، حبيب الله جروار، محمد حيات تونيو ۽ ٻين پاران نوٽيس جي گهر

شهدادڪوٽ (ڊ ر) شهدادڪوٽ ۾ شهري اتحاد پاران نادرا آفيس جي شهر کان ٻاهر منتقلي خلاف مرحليوار تحريڪ جي شروعات، ڪوٽو موٽو چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو شهري اتحاد شهدادڪوٽ جي سڏ تي مختلف سياسي، سماجي مذهبي تنظيمن ايس يو پي، ايس ٽي پي، شهيد ڀٽو، شيعه تنظيمن، جي يو آءِ، ن ليگ، جماعت اسلامي، سنڌ آبادگار بورڊ، سنڌ تعميرات/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

جسقم تعلقه ٽنڊو غلام حيدر ۽ جسقم موريا طرفان اڳواڻن جي گرفتاري خلاف احتجاجي مظاهرو

جسقم آريسر جي اڳواڻ عبدالخالق خاصخيلي کي ٽنڊو محمد خان بي سيڪشن پوليس گم ڪري ڇڏيو

اڳواڻن ڪارڪنن ڪامريڊ پيربخش باگراڻي سميت ٻين قومي ڪارڪنن سندس بازيابي لاءِ ريلي ڪڍي

ڪنيي گم ڪيل قومي ڪارڪن کي جلد بازياب ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج وسيع ڪنداسين: اڳواڻ

ٽنڊو غلام حيدر (ن س) جسقم تعلقه ٽنڊو غلام حيدر ۽ جسقم موريا طرفان ٽنڊو محمد خان جي جسقم آريسر جي اڳواڻ عبدالخالق خاصخيلي کي ٽنڊو محمد خان بي سيڪشن پوليس ڪورٽ جي ٻاهران ڪنيي گم ڪري ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ جسقم تعلقه ٽنڊو غلام حيدر ۽ جسقم موريا جي اڳواڻن ڪارڪنن ڪامريڊ پيربخش باگراڻي سميت ٻين قومي ڪارڪنن سندس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٽنڊو غلام حيدر: جسقم (آريسر) پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪونڏيجي جي ڳوٺ مراد خان
گوپانگ مان گهرن مان لکين رپين
جي ڳاڏين جا ڪاغذات چوري

ڪنب (رپورٽر) ڪونڏيجي جي ڳوٺ مراد خان گوپانگ مان نامعلوم چور ٻن گهرن جي ڇت ٽپي گهرن مان لکين رپين جي ماليت ڳاڏين جا ڪاغذات ڪٽي ويا ۽ ٽين گهر مان روڪ رقم ب ڪٽي ويٺي آهي، جن گهرن مان لکن رپين جي ماليت جي ڇت ٽپي گهرن جي چوري ڪئي وئي آهي ان ۾ هڪ گهر مرحوم لياقت علي خان گوپانگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڊائريڪٽر گمس گمبٽ ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي جي انتقامي ڪاروائين خلاف احتجاجي مظاهرو

پيرا ميڊيڪل اسٽاف جوائنٽ ايڪشن ڪاميٽي ضلع ڪنڌڪوٽ پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ڊي ايڇ او آفيس کان مين ايمرجنسي بلاڪ سول اسپتال ڪنڌڪوٽ جي سامهون ڌرڻو هنيو ويو

ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي ڊائريڪٽر گمس گمبٽ جو سنڌي ملازمن سان ناروا سلوڪ آهي: مظاهرين

دڙو (شوڪت ميمڻ) دڙو ۾ پاڪستان پيراميڊيڪل اسٽاف ايسوسيئشن 041 طرفان گمس اسپتال ۾ مقرر ڊائريڪٽر رحيم بخش ڀٽي جي مبينا ڪرپشن خلاف معشوق گگو، يونس سومرو، نجم ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ رورل هيلٿ سينٽر دڙو جو ٽوڪن بائيڪاٽ ڪري اسپتال گيٽ آڏو ڌرڻو هنيو ان موقعي تي هنن چيو ته جتي اسان سيني کي فخر آهي گمس اسپتال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اڱارو 11 جولاءِ 2023ع

اين ڊي ايم اي جي اکين تان تعصب جي عينڪ ڪڏهن لهندي؟

ملڪ ۾ چوماسي جي وڏ ــ ڦڙي وسڪار جي هڪڙي لهر اچان هلندڙ ئي آهي تہ مٿان وري ماحوليات واري وفاقي وزارت طرفان ٻن ڏينهن تائين شديد برساتن جو الرٽ جاري ڪري ڇڏيو آهي. خطري مٿان خطرو اهو تہ پارت راوي درياءَ ۾ هڪ لک، 85 هزار ڪيوسڪ جو ريلو ڇڏي ڏنو آهي. جنهن ڪري پنجاب ۾ ٻوڏ جا امڪان پيدا ٿي ويا آهن ۽ چوماسي جي برساتن جو سلسلو جاري رهي ٿو تہ صورتحال گهڻي خراب ٿي سگهي ٿي. هن پيري لاهور ۾ ايترو وسڪارو ٿيو آهي، جو 30 سالن جو رڪارڊ ٽٽي ويو آهي. نيشنل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (اين ڊي ايم اي) طرفان جاري ڪيل رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ، 25 جون کان وسندڙ برساتن ۾ هيستائين 76 ماڻهو فوت ٿي ويا آهن. جن ۾ 30 مرد، 15 عورتون ۽ 31 ٻارڙا شامل آهن. رپورٽ موجب، برسات سبب سڀ کان وڌيڪ فوتگيون پنجاب ۾ ٿيون. جيڪو تعداد 48 آهي. خيبر پختونخوا ۾ 20، بلوچستان ۾ 5 ۽ آزاد ڪشمير ۾ 3 ماڻهو فوت ٿيا. اين ڊي ايم اي هوندي تہ آهي ملڪ گير ادارو، پر ان جي سنڌ سان تعصب جي حالت اها آهي تہ تازين برساتن ۽ وڄ ڪرڻ سبب ٿيل فوتگين ۽ چوپائي مال جي نقصان جو ان رپورٽ ۾ ذڪر ئي ڪونهي.

تيزيءَ سان ايندڙ موسمي تبديليون سڄي دنيا جي ملڪن کي شديد متاثر ڪري رهيون آهن. زلزلا، سونامي، سامونڊي طوفان، لينڊ سلائيڊنگ، گهڻين برساتن سبب ايندڙ ٻوڏون تباهي آڻي رهيون آهن. دنيا جا ملڪ تبديل ٿيندڙ ماحول ۾ جيئڻ جا گس ڪڍي رهيا آهن. پنهنجي رهڻي ڪهڻيءَ ۽ زندگيءَ جي طور طريقن ۾ تبديليون آڻي رهيا آهن. پر اسان ان جي ابتڙ اهو چاهيون ٿا تہ تبديل اسان ۽ اسانجي ماحول کي نہ پر فطرت کي ٿيڻ گهرجي. اهوئي سبب آهي جو اسان هر ڀيري ايندڙ قدرتي آفتن مان سکڻ جي ڪوشش ئي نٿا ڪريون. نہ اسان وٽ برساتي پاڻيءَ جي نيڪال جو ڪو موثر طريقو آهي ۽ نہ ئي وري انتظاميا ۾ ڪا اهليت آهي.

سنڌ ۾ تہ اها حالت وڌيڪ خراب آهي. هتي ڪا قدرتي آفت تباهيءَ کي جتي ڇڏيندي آهي، ٻي وري ان جو تسلسل اتان شروع ڪندي آهي. 2010ع واري ٻوڏ جي متاثر ماڻهن ۽ انفراسٽرڪچر جي مڪمل بحالي نہ ٿي سگهي هئي جو گذريل سال واري ٻوڏ وري سنڌ کي ٻوڙي ڇڏيو ۽ شهرن مان پاڻي ڪيترن ئي مهينن تائين ان ڪري نہ ڪڍيو ويو تہ ٻاهرين ڊونر ادارن کي ڏيکاري امداد ۽ فنڊ وٺي سگهجن. هتي جي منتظمين جي نا اهليءَ جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ تازين ٻن ٽن ڏينهن وارين برساتن جو پاڻي بہ اڃان نڪري نہ سگهيو آهي. ڪيترن ئي هنڌن تي ميونسپل سهولتون معطل آهن. توڙي جو مڪاني ادارن جي چونڊن کانپوءِ نون عهديدارن قسم بہ کڻي ورتو آهي پر انهن جي ڪم جي شروعات ئي مايوس ڪندڙ آهي. اهو سڀ ڪجهہ ٻڌائڻ جو مطلب هي آهي تہ هڪ تہ هتي اڳ ئي انتظاميا نا اهل آهي. ٻيو تہ ٻوڙ ۾ هجڻ ڪري گهڻو متاثر سنڌ ٿيندي آهي. جيڪا سوڪ ۽ ٻوڏ کي ڀوڳيندي آهي. جڏهن سنڌ ۾ سوڪ واري حالت هوندي آهي. فصل تہ پري جي ڳالهہ ماڻهن کي پيئڻ لاءِ بہ پاڻي ميسر نہ هوندو آهي. ان وقت ڊيم ڀريا ويندا آهن ۽ جڏهن وري دريا ۾ گهڻو وهڪرو يا ٻوڏ هوندي آهي تہ ڊيمن مان پاڻي دريائي وهڪري ۾ ڇڏيو وڃي ٿو. هن ڀيري بہ جڏهن سنڌ ۾ جڏهن پيئڻ جي پاڻي لاءِ احتجاج ٿي رهيا هئا تہ ڊيم ڀريا پئي ويا ۽ هاڻي وري ٻوڏ جو پاڻي سنڌ ۾ ڇڏيو ويندو. جيئن هن کان اڳ اڪثر ڪري ٿيندو رهيو آهي.

نيشنل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (اين ڊي ايم اي) طرفان جاري ڪيل رپورٽ مان تہ ظاهر اهو ٿو ٿئي تہ سنڌ کي اها اختياري پنهنجي دائرهءِ ڪار ۾ شامل نٿي سمجهي. اها ڪا اڄ جي ڳالهہ ناهي، سنڌ سان ان اداري جو هميشہ اهوئي رويو رهيو آهي. سنڌ ۾ جڏهن ڪا قدرتي آفت ايندي آهي تہ هن اداري جا ڏس ۽ گس پڇائڻ باوجود بہ اهو مشڪل سان نظر ايندو آهي. ڇا تازين برساتن سبب سنڌ ۾ تباهي نہ آئي؟ سنڌ ۾ تازين برساتن سبب ڪيترائي ماڻهو فوت ٿي ويا. ڪنوڻ ڪِرڻ سبب ڏيڍ سئو جي لڳ ڀڳ ڍور مري ويا. ڪيترائي گهر ڊهي ويا پر سوچڻ جي ڳالهہ اها آهي تہ سنڌ جي حوالي سان هن اداري جي سماعت ۽ بصارت کي آخر ڇا ٿي ويو آهي؟ هن اداري جي اکين تان تعصب جي عينڪ آخر ڪڏهن لهندي؟ اهو ادارو جنهن مالي آڪسيجن تي هلي ٿو، ان ۾ تہ سنڌ جو حصو مڙني صوبن کان سرس ۽ سوايو شامل آهي، جو ملڪ جي روينيو ۾ سنڌ 69 سيڪڙي جي لڳ ڀڳ حصو ڏئي ٿي، پر پوءِ بہ ان اداري جو سنڌ سان اهو رويو آهي! سنڌ جي حڪمرانن کي نيشنل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (اين ڊي ايم اي) جي سنڌ سان اهڙي ورتاءَ تي وفاقي حڪومت سان معاملو اٿارڻ گهرجي.

بيل آئوٽ ..!!

اعجاز منگي

آءِ ايم ايف مختصر مدي وارو قرض ڏئي پاڪستان کي معاشي طور تي تہ بيل آئوٽ (Bailout) ڪيو آهي پر آءِ ايم ايف جي اهم آمريڪي نمائندي جي لاهور زمان پارڪ پهچي عتاب ۾ آيل عمران خان سان ڪيل ملاقات کي تحريڪ انصاف جي اڳواڻ عرف ابو القاسم کي مليل "سياسي بيل آئوٽ" سمجهجي؟ مٿين سوال جو حقيقي، صحيح ۽ سچو جواب هن مهل تائين نہ تہ حڪومت پاران آيو آهي ۽ نہ پي ٽي آءِ جي ڪپتان پاران ان قسم جي ملاقات کي ان حوالي سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي ڏٺو ويو آهي. جڏهن تہ آزاد دنيا جون اکيون ان صورتحال کي پاڪستان جي ان سياسي پس منظر جي حوالي سان تڪي رهيون آهن. جنهن جي سلسلي ۾ ڪيئي سال اڳ ۾ "نيوز لائن" جي ايڊيٽر رضيہ ڀٽيءَ لکيو هو تہ. "پاڪستان ۾ صرف هڪ ڳالهہ پڪ سان ڪري سگهجي ٿي تہ پاڪستان ۾ ڪا بہ ڳالهہ پڪ سان ڪري نہ ٿي سگهجي". اها ساڳي ڳالهہ ڪيئي سال گذرڻ کان پوءِ ڪجهہ ڏينهن اڳ ۾ ملڪ جي مشهور سياستدان ۽ وڪيل اعتزاز احسن ڪجهہ هن طرح سان ڪئي آهي تہ. "پاڪستان جي باري ۾ ڪا بہ پيشن گوئي صرف ماضيءَ ۾ ئي ڪري سگهجي ٿي"، جڏهن تہ ڪجهہ ماڻهن جو ان تي بہ اعتراض آهي ان حوالي سان هو اهو موقف پيش ڪري رهيا آهن تہ انهن کي ملڪ جي تاريخ بہ ٺيڪ طرح سان نہ پڙهائي وئي آهي. آمريڪا جي اهم ترين ميڊيا اداري سي اين اين (CNN) تي ڪنهن دور ۾ اسان جي ملڪ جي حوالي سان هڪ نعرو بار بار ورجايو ويندو هو ۽ اهو نعرو يا اهو تبصرو هو تہ:

"پاڪستان: هڪ ملڪ، اڪيچار امڪان"

اڄ بہ اسان جو ملڪ انهن اڪيچار امڪانن جي اکين مان اوجهل نہ ٿيو آهي. اڄ بہ ڪنهن صحافيءَ کي پنهنجي مليل معلومات ۽ ڪيل تجزئي تي سئو سيڪڙو يقين نہ آهي. چوتہ ملڪ ۾ ميڊيا جي مشهور ماڻهن پاڻ کي نهايت بري طرح سان استعمال ٿيندي بہ ڏٺو آهي ۽ انهن جا تجزيا خزان جي موسم ۾ وڻن جا پن بڻجي بہ ڇڻيا آهن. ان حوالي سان ڪجهہ صحافي جيڪي بار بار سيني تي هٿ هڻي چئي رهيا هئا تہ. "عمران خان جو ڪو سياسي آئيندو ڪونهي". انهن پنهنجي پيشنگوئي روڪي وري ڪجهہ سوچڻ شروع ڪيو آهي ۽ خاص طور تي آءِ ايم ايف جي نمائندي پاران عمران خان کي مليل اهميت ۽ گذريل جمعي تي پاڪ ڪتاب جي بي حرمتيءَ خلاف احتجاج جي دوران تحريڪ انصاف جي جهنڊن جو ملڪ جي شهرن ۾ ظاهر ٿيڻ وارو سلسلو پنهنجي پڪي سوچ تي شڪ ڪرڻ لاءِ انهن ملڪي صحافين کي مجبور ڪرڻ لڳو آهي، جيڪي چئي رهيا هئا تہ پي ٽي آءِ جو حال هن اردو شعر جهڙو ٿي ويو آهي:

"اڪ ڊوب ٿي جو سات گئي آفتاب ڪي"

پر بقول آمريڪي اديب، "Sun Also Rises" يعني (سج اڀرندو بہ آهي).

هن وقت پاڪستان ۾ سياسي حوالي سان اهو بحث پنهنجو بنياد مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي تہ ڇا عمران خان جو سياسي سج هڪ ڀيرو ٻيهر اڀري رهيو آهي؟ ان اميد کي محسوس ڪندي ٻاهرين ملڪن ۾ ڇپي ويٺل عمران خان وڏ واتا وفادار صحافي ۽ اينڪر موبائل فونن جي اسڪرينن مٿان ائين جهڪي رهيا آهن، جيئن گهڻن ڏينهن جي گهٽائن کان پوءِ سج کني ڪڍي

هجي ۽ جهڙ سبب جهانوريل جهنگ جرڪڻ جي ڪوشش ڪندو هجي.

پاڪستان جي سيٽو ۽ سينٽو معاهدن جي حوالي سان جيڪي ماضيءَ جا اصول پرست سياسي اڳواڻ ان نقطي مٿان تمام گهڻو اصرار ڪندا هئا تہ. "هڪ ڪمزور ملڪ کي پاڻ کان وڌيڪ مضبوط ۽ سگهاري ملڪ سان ڪو معاهدو نہ ڪرڻ گهرجي". انهن سياسي انقلابي بزرگن جا اهي قول هن مهل هڪ نئين معنيٰ جا مالڪ بڻجندا نظر اچن ٿا. جڏهن آءِ ايم ايف جو نمائندو 9 مئي کان پوءِ حڪومت ۽ اسٽيبلشمينٽ جي تنقيد جو نشانو بڻجندڙ سياسي اڳواڻ سان ملاقات لاءِ بي پرواهہ بڻجي پهچي وڃي ٿو ۽ حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ آءِ ايم ايف جي اهڙي عمل تي حڪومت يا اسٽيبلشمينٽ ڪنهن بہ قسم جو اعتراض نہ اٿاريو آهي. جڏهن تہ آءِ ايم ايف ڪو ملڪ بہ ناهي. آءِ ايم ايف هڪ مالي ادارو آهي. پر ان مالي اداري جا پَر ايترا تہ نڪري آيا آهن. جو هاڻي هن جي پرواز ملڪ جي سياسي فضائن ۾ بہ ٿي رهي آهي. جڏهن تہ هن مهل تائين اهو مالي ادارو ملڪ جي معاشي حدن تائين محدود رهندو هو پر پاڪستان کي هر حوالي سان آزاد ڏسڻ وارن جو اهو اصرار بہ هوندو هو تہ. "آءِ ايم ايف پنهنجي حد اندر رهي. آءِ ايم ايف ڪير ٿيندو آهي جيڪو اسان کي مخصوص ۽ من پسند معاشي پاليسيون ٺاهڻ جي سلسلي ۾ مجبور ڪري؟ جيڪو اسان کي حڪم ڏئي تہ فلاڻي اداري کي پرائيويٽائيز ڪريو يا بجلي ۽ گيس جا اگهہ هيترا وڌايو؟ آءِ ايم ايف کي اهو حق حاصل ناهي تہ هو تيل جي اگهن تي اعتراض واري ..!!" معاشي طور تي دنيا جي مجبور ملڪ سان مغرور بڻجي پيش ايندڙ ان اداري جي حوالي سان هاڻي ڪير ڇا چئي سگهي ٿو جڏهن ان اداري اسان جي ملڪ جي سياسي حدن ۾ بہ مداخلت ڪرڻ شروع ڪئي آهي. جڏهن تہ پاڪستان لکيل طور تي اهو حق آمريڪا کي بہ نہ ڏيندو آهي تہ آمريڪا پاڪستان جي سلسلي ۾ ڪي وڏا بيان جاري ڪري. هاڻي بہ جڏهن موديءَ ۽ بائيڊن جي ملاقات دوران وائيٽ هائوس پاران اهو پريس نوٽ جاري ڪيو ويو تہ پاڪستان کي دهشتگرديءَ خلاف پنهنجو ڪردار بهتر بڻائڻ گهرجي تہ پاڪستان جي پرڏيهي کاتي گهٽ ۾ گهٽ رڪارڊ درست رکڻ جي لاءِ اهڙي اعلاميي جي مذمت ڪئي هئي. جڏهن عمران خان پاران پنهنجي اقتدار جي آخري ڏينهن دوران "سائفر" جو اشو اٿاريو ويو هو تہ ان مهل بہ اهو اعتراض زور شور سان پيش ڪيو ويو هو تہ آمريڪا کي پاڪستان جي سرڪاري ۽ سياسي معاملن ۾ مداخلت ڪرڻ جو ڪو بہ اخلاقي حق حاصل ناهي پر جڏهن پاڪستان جي اهم سياسي موڙ تي آءِ ايم ايف جو نمائندو تحريڪ انصاف جي ان اڳواڻ سان ملاقات ڪرڻ لاءِ اسلام آباد کان سفر ڪري سرڪاري سيڪيورٽي ۾ زمان پارڪ پهچي ٿو جنهن اڳواڻ جي تصوير هاڻي هن جا محبوب ميڊيا چينل بہ ڌنڌلي بڻائي پيش ڪري رهيا آهن ۽ جنهن نالو وٺڻ مٿان بہ پابندي هجي. ان سان آءِ ايم ايف جي نمائندي جي ملاقات جو ڇا مقصد آهي؟ ان سلسلي ۾ حڪومت کي ڪرڻ تہ مذمت گهرجي پر اها ڪنهن قسم جي وضاحت بہ پيش ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. جڏهن تہ ان ملاقات کان پوءِ سياسي طور تي ڪوما ۾ اچي ويل هڪ پارٽيءَ جي وجود ۾ وري جيئرو نوٽ ڪئي پئي وڃي ۽ اهو شڪ پڪ سان پيش ڪيو پيو وڃي تہ عمران خان هڪ ڀيرو ٻيهر ملڪ جي وچين سياسي ڌارا ۾ داخل ٿي رهيو آهي.

آءِ ايم ايف جي آڏو تہ اسان جا حڪمران مجبور آهن پر پاڪستان جي انهن سياسي پارٽين بہ ان سلسلي ۾ سانت اختيار ڪئي آهي، جيڪي هر ننڍي کان ننڍي معاملي تي وڏو اعتراض واريندي رهيون آهن. هاڻي اهي پارٽيون حڪومت کان اهو مطالبو ڇو نہ ٿيون ڪن تہ ملڪ جي سياسي معاملن ۾ مداخلت ڪرڻ جو آءِ ايم ايف کي ڪو بہ حق حاصل نہ آهي. ان ڪري حڪومت کي ڪپي تہ اها آءِ ايم ايف کان ان سلسلي ۾ پڇائو ڪري ۽ آءِ ايم ايف پاران مطمئن ڪندڙ جواب نہ ملڻ جي صورت ۾ آءِ ايم ايف سان معاهدو ختم ڪيو وڃي. ان قسم جو بيان جاري ڪرڻ جو جذبو گهٽ ۾ گهٽ ملڪ جي مولانا سياستدان ۾ تہ هجڻ گهرجي، جنهن 9 مئي کان اڳ تحريڪ انصاف جي اڳواڻ سان ملڪي معاملن تي ملاقات ڪرڻ جي سخت مخالفت ڪئي هئي. جڏهن تہ 9 مئي کان اڳ واري عمران ۽ 9 مئي کان پوءِ واري عمران ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. 9 مئي کان اڳ واري عمران جي پارٽيءَ کي ڇڏڻ جو ڪو تصور بہ نہ ٿي ڪري سگهيو خاص طور تي فواد چوڌري ۽ اسد عمر تہ هرگز نہ! اهو هڪ الڳ دور هو جڏهن زمان پارڪ جون رونقون صرف ڏينهن جو نہ پر شام جو پنهنجي اوج تي پهچڻ جي ڪوشش ڪنديون هيون. جڏهن زمان پارڪ عمران خان جي نعرن ۽ پي ٽي آءِ جي نغمن سان گونجندو هو ان وقت بہ عمران خان سان مذاڪرات ڪرڻ تي جن ماڻهن کي اعتراض هو اڄ اهي ڪنهن مام جي ڪري ماٺ آهن. جڏهن تہ انهن جي خاموشي بہ بيان ڪري رهي آهي تہ هو ڪيتري خار ۾ آهن. ڇا انهن کي پريس ڪانفرنس ڪرڻ نہ ٿي اچي؟ ڇا انهن وٽ اٿارڻ لاءِ اعتراض ناهن؟ ڇا انهن وٽ پيش ڪرڻ لاءِ الٽيميٽم ناهن؟ بلڪل آهن. پر پئسو پئسو آهي. اهو بہ هڪ مجبور ملڪ جي لاءِ!

پاڪستان هن مهل جنهن سياسي موڙ تان گذري رهيو آهي، ان ۾ هن وقت بہ تمام گهڻا خدشا ۽ ڪوڙ سارا الڪا موجود آهن. جيتوڻيڪ هاڻي اهي آواز اڳ جي مقابلي ۾ گهٽ ٻڌا پيا وڃن. جن جو خيال هو تہ ملڪ ۾ چونڊون هلندڙ سال ۾ مشڪل ٿين. هن وقت جهڙي ريت اليڪشن ڪميشن سرگرم آهي، ان مان ئي پتو پئجي رهيو آهي تہ ملڪ ووٽنگ طرف وڌي رهيو آهي. اهڙي موڙ تي چونڊن ۾ حصو وٺڻ جي حوالي سان تحريڪ انصاف جو معاملو 9 مئي جي پس منظر ۾ الجهيل بيان ٿي رهيو هو پر هاڻي عمران خان جي وسامي ويل مڪ ۾ وري اميد جو ڏيئو ٻرڻ ۽ هن کي ملڪي سياست مان مڪمل آئوٽ نہ ٿيڻ جا جيڪي اشارا ملي رهيا آهن ۽ سپريم ڪورٽ جي تفصيلي فيصلي اچڻ کان پوءِ جهڙي طرح عمران خان جو وڃائجي ويل اعتماد واپس ٿي رهيو آهي، ان ماحول سياسي تجزين ۾ جڏهن آءِ ايم ايف پاران عمران خان سان ملاقات جو تذڪرو اچي ٿو تہ امڪانن جو هڪ نئون باب کلڻ جا آثار اڀرڻ لڳن ٿا.

عمران خان جو آئيندو ڪهڙو آهي؟ ان جو پتو تہ عمران خان کي معلوم ناهي. پر هن کي بہ اها ڄاڻ ضرور آهي تہ آءِ ايم ايف جي نمائندي جي هن سان ملاقات ۽ قرض جي نئين قسط ڏيڻ جي سلسلي ۾ هن کي اعتماد ۾ وٺڻ، عتاب جو شڪار شخصيت کي سياسي بيل آئوٽ ملڻ جهڙو منظر پيش ڪري رهيو آهي. ان تي ملڪ جي حڪمرانن جي خاموشي ۽ اهم ادارن جي ماٺ معاملا منجهائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي.

پاڀوهي هيڪار، مون کان پُڇيو سَڄڻين:
اَلَسْتُ بِرَبِّکُم، چَيائون جنهن وارَ:
سَندي سورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڏهانڪُون نہ لهي.

ٿر جو هڪ شاعر، اداڪار ۽ نظرياتي سياستدان

امرائيسنگهہ راجپوت

هُو جيڪو ڪامريڊ آهي، ڪامريڊ جن کي ننڍي کنڊ جي وڏي سياستدان راڻا چندر سنگهہ ٻاڙو سان ڀيٽيو هو ڪامريڊ يعني ساڄي ٻانهن. ساڄي ٻانهن جو ٻل ڪنهن بہ لفظي تعارف جو محتاج ناهي هُوندو، ائين جيئن اسان جو هي ڪامريڊ نند لال مالهي بہ ڪنهن شبدي ساراهہ جو محتاج ناهي، ڇاڪاڻ تہ هن کي سموري سنڌ سڃاڻي ٿي. اها سنڌ، جنهن جي سُورج مُکين تان هي ساهہ صدقو ڪرڻ جو جذبو رکي ٿو اها سنڌ، جنهن جي سُورن ۾ هن جي ننڌ چِتا تي چڙهي وڃي ٿي ۽ هُو سوچي ۽ لوچي ٿو انهن مسڪين ماروئڙن لاءِ، جن جا نيڻ پريل ۽ کيسا خالي آهن. جن جي گهرن ۾ ڪکڙ بہ سنئين ڳاٽ هلي ٿو هي اُن سنڌ جو سدورو پٽ آهي. ائين چوڻ ۾ ڪو بہ وڏا ڪونهي تہ نند لال مالهي سراپا سنڌ آهي. اها سنڌ جيڪا هن جي ماءُ آهي. هُو پنهنجي ماءُ سان محبوبا کان مٿي پيار ڪري ٿو هي پيار ڪري ٿو هر اُن ٻورهيت سان. جنهن جي سيني ۾ سنڌ وطن جو ڏوڃ ڏنوڻ وانگي ڌڙڪي ٿو. هي اڄ بہ پنهنجي راجپوتي مُڇ مروڙ سان سينو ٺوڪي اهو چوي ٿو تہ، "اسان لئہ سنڌ وطن آهي" ۽ هُو پنهنجي وطن جي نيري گگن هيٺ ائين خوش آهي، جيئن مڇي سمنڊ ۾ سرهي هُوندي آهي. جيئن پوپٽ گلن ۾ خوش هُوندو آهي. جيئن ڏيٺاري پنهنجي ديس ۾ ۽ ريباري پنهنجي ويس ۾ هشاش بشاش هُوندا آهن.

مٺيءَ جو هي مور ماڻهو پنهنجي جوهر ۾ هڪڙو جاندار ۽ شاندار سياستدان آهي. هي محض سياست جا گُر بيچ بہ نٿو ڄاڻي پر ماڻهن جا من پنيور بہ پرکي ٿو. سندس اُٺي ويٺي انتهائي وڏن ماڻهن سان آهي، تنهن هُوندي بہ هي ننڍن سان ننڍو ٿي ملڻ وارا وڏا ڳڻ رکي ٿو هي پنهنجي هر ماڻهوءَ جي مرٽي برٽي پُڇي ٿو. پنهنجي پارٽيءَ جي هر ورڪر جي سڏ سان گڏ ٻيهڻ وارو ڪامريڊ نند لال پنهنجن قومي ڪارڪنن کي بہ هڪڙو پَل نٿو وساري. هي وساري تہ پنهنجي ديس جي ڏڳن کي بہ نٿو هن کي دُنيا جي هر خوبصُورتيءَ کان وڌيڪ وڻي ٿو سنڌ ڌرتيءَ جو نيرو گگن. لاڙ جي لينڊ اسڪيپ تي سُونهندڙ سُورج مُکيءَ جا کيٽ ۽ ڇيٽ وڻن ٿا. هن کي وڻن ٿيون لٽي سڄ لاڙ جُون پريون، جن جي مٿن تي گاهہ جُون پريون ۽ هٿن ۾ لوهہ جا ڏاٽا هوندا آهن. انهن کي ڏسي هن کي اُميد جاڳي ٿي تہ ڪڏهن منهنجي سنڌ ۾ عيد جا لکين چَنڊ اُڀري پوندا ۽ منهنجي سنڌ ايشيا کنڊ ۾ اکنڊ جوتي وانگي جرڪي پوندي.

ٿرپارڪر ۾ قومي سياست جو سُورمو نند لال مالهي ئي آهي. هن قومپرست سياست ۾ رُوح ڦوڪڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي پر ڪن اڻٽر سببن جي ڪري اِن ۾ سڦلتا نہ ماڻڻ سبب في الحال تہ پاڻ قومي سياست کان پري آهي ۽ اڄ ڪلهہ اقتداري ڌر سان وابستہ آهي پر سندس قومي سياست کي ڪڏهن بہ ڀُلائي نٿو سگهجي. ايم آر ڊي واري تحريڪ ۾ هن معصوم ٿريءَ سان گڏ ٽرم ياترا بہ ڪئي هُئي. ٿرپارڪر جي قومي سياست ۾ هي ڀهريون ماڻهہ هو جيڪو رياست جي ڏاڍ اڳيان اَٽل رهيو. جنهن نظرياتي سياست ڪئي. هن وٽ اڄ بہ ذات برادريءَ واري سياست ناهي. هن قومي نظرئي واري ڌارا ۾ عوامي مفادن واري سياست ڪئي آهي ۽ اڄ بہ ڪري پيو. عهدا وڏا ناهن هُوندا، ڪردار وڏا هوندا آهن. نند لال ۾ وڏو ڳڻ اهو آهي تہ هُو ماڻهن جي ڏک سُک ۾ شريڪ ٿئي ٿو.

ڪامريڊ نند لال پنهنجي سياسي ڪيريئر جي شروعات پڻ قومي ڌارا کان ڪئي آهي. 1981ع ۾ شاگردي واري دؤر ۾ هن گورنمينٽ ڊگري ڪاليج مٺيءَ ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو بُنياد رکيو هو ۽ جيئي سنڌ مُحاذ جو يونٽ پڻ کوليو هُيائين. 1983ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ جساف جو ميمبر بڻيو 1985ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ جساف جي خزانچي جي عهدي تي چُونڊيو ويو 1986ع ۾ مرڪزي صدر شهيد بشير خان قريشي کيس ٻيهر خزانچي جي عهدي تي مقرر ڪيو 1988ع ۾ سنڌ قومي اتحاد تعلقي مٺيءَ جو آرگنائيزر مقرر ٿيو 1990ع ۾ جيئي سنڌ ترقي پسند محاذ ضلعي ٿرپارڪر جو سيڪريٽري چونڊيو ويو 1991ع ۾ جيئي سنڌ ترقي پسند محاذ جي سينٽرل ڪاميٽي جو ميمبر چونڊيو ويو 1992ع ۾ جيئي سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ جي سينٽرل ڪاميٽيءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. 1997ع ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ جو مرڪزي رابطا سيڪريٽري چونڊيو ويو. 2001ع ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ جو ڊپٽي جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو 2003ع ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ جو مرڪزي انفارميشن سيڪريٽري چونڊيو ويو. 2005ع ۾ پڻ ساڳي عهدي تي ٻيهر مقرر ڪيو ويو 2007ع ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ جو مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري چونڊيو ويو. تمام وڏو عرصو ائين ڪٽي ڇڏڻ جي اڌ عمر قومي سياست کي اربي 2013ع ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ جي بُنيادي ميمبر شپ تان استعيفا ڏيئي قومي سياست کي الوداع ڪري پ پ پ ۾ شموليت اختيار ڪئي. پ پ ۾ شموليت اختيار ڪرڻ وقت کيس ضلعي ٿرپارڪر جي ايگزيڪيوٽو ڪاميٽيءَ جو ميمبر مقرر ڪيو ويو 2017ع ۾ کيس پ پ پارٽيءَ جو ضلعي ٿرپارڪر لاءِ انفارميشن سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو.

ڪامريڊ نند لال مالهي قومي ڌارا ۾ رهندي بہ پارلياماني سياست ۾ سدائين سرگرم رهيو آهي. 1993ع جي عام چونڊن ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ جي پليٽ فارم تان صوبائي اسيمبليءَ جي اقليتين واري سيٽ تي چونڊن ۾ ڀرپور حصو ورتائين. 1997ع جي عام چونڊن ۾ قومپرست اتحاد يو اين اي جي پليٽ فارم تان صوبائي اسيمبليءَ جي اقليتين واري سيٽ تي چونڊ وڙهيو قومي سياست ۾ هُئڻ ڪري هن ڪيئي سياسي عتاب بہ سَٺا پر پنهنجي نظرئي تي سدا اٽل رهيو. ٿر جي تاريخ ۾ (جام ساقي کي ڇڏي ڪري) هي ڀهريون قومي ڪارڪن هو جنهن تي وڏ ۾ وڏ ڪيس داخل ٿيا آهن ۽ تمام گهڻا ڀيرا جيل بہ ويو آهي. سڄي سياسي ڪيريئر دؤران مختلف حُڪومتن ۾ مٿس درجن کن ڪيس داخل ٿيا آهن. مُختلف حُڪومتن ۾ 8 ڀيرا ٽرم ياترا بہ ڪري آيو آهي. مٺي ٿاڻي، مٺي سب جيل، ڄامشورو ٿاڻو ۽ لانڍي جيل ڪراچيءَ ۾ قيد رهيو آهي.

ڪامريڊ نند لال سياست سان گڏ ادب واري دُنيا ۾ بہ هڪڙو سرگرم ڪارڪن طور ڪم ڪيو آهي. جنرل ضياءُ الحق واري ڪاري دؤر ۾ جڏهن ٿر ۾ سياسي توڙي ادبي حوالي سان انتهائي گهُٽ ۽ ٻُوسٽ وارو ماحول هو تڏهن بہ ڪامريڊ نند لال تمام گهڻو سرگرم رهيو هو. ٿر ۾ موجود ادبي ماٺار کي ٽوڙڻ خاطر هن پنهنجن ڪُجهہ دوستن سان گڏجي ٿر ۾ ادبي سرگرمين جي شروعات ڪئي. ڪامريڊ نند لال سنڌي ادبي سنگت شاخ مٺيءَ جو باني ميمبر آهي. هن 1983ع ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ مٺيءَ جو بُنياد رکيو ۽ پاڻ 1983ع کان وٺي 1986ع تائين مسلسل سنڌي ادبي سنگت شاخ مٺيءَ جو سيڪريٽري ٿي رهيو. سندس ايام ۾ هي شاخ سنڌ جي سرگرم ترين شاخ هئي. سنڌي ادبي سنگت شاخ مٺيءَ جي بهترين ڪارڪردگيءَ تي کيس مرڪز پاران حيدرآباد پريس ڪلب ۾ ٿيندڙ هڪڙي پروگرام ۾ شيخ اياز هٿان ايوارڊ پڻ ڏنو ويو 1986ع ۾ گڏيل ضلعي ٿرپارڪر جو رابطا سيڪريٽري پڻ رهيو. ڪامريڊ نند لال ادبي حوالي سان شروع شروع ۾ ٿي ڪهاڻيون لکيون هيون. جيڪي هن ساس جي ادبي گڏجاڻين ۾ پيش ڪيون هيون. بعد ۾ ڪافي شاعري ڪيائين. سندس شاعري سنڌ جي وڏي ادبي رسالي تماهي مهراڻ، ٽئون نياپو سنڌو مئگزين، برسات مئگزين، آفتاب اخبار جو ادبي صفحو هلال پاڪستان اخبار جو ادبي صفحو ۽ ٻين سنڌ جي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيل آهي. شاعريءَ کان علاوه سندس نثر پڻ ڪمال جو آهي. نثر تي تمام سُٺي گرفت آهي. هن جا سنڌ جي وڏين اخبارن ۾ سوين ڪالم ڇپيل آهن. سندس ڪالمن تي مشتمل هڪڙو ڪتاب "نِجات جو ڏڳ ۽ دانشور" پڻ ڇپيل آهي، جنهن کي پڙهندڙن وٽان تمام سُٺي موٽ ملي آهي.

ڪامريڊ نند لال سياسي ۽ ادبي دُنيا سان گڏ سماجي حوالي سان پڻ سُٺو سرگرم رهيو آهي. پاڻ سماجي تنظيم مٺي ويلفيئر ايسوسيئشن جو باني ميمبر ۽ عهديدار رهيو آهي. ٿر ڊولپمينٽ فائونڊيشن مٺيءَ جو آرگنائيزر پڻ رهي چُڪو آهي. کيس سڪ ڀريت ضلعي ٿرپارڪر جو ڪو آرڊينيٽر ٿيڻ جو اعزاز حاصل آهي. سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ جي سماجي تنظيم خدمت سنڌ فائونڊيشن جو مرڪزي جنرل سيڪريٽري پڻ رهي چڪو آهي. ٿر ايڪشن فورم جو چيئرمين. ٿر ڪول ايڪشن ڪاميٽيءَ جو ڪنوينر ۽ ٿر عوامي اتحاد جو ڪنوينر رهي چڪو آهي.

شهر مٺيءَ ۾ ستر ۽ اسي واري ڏهاڪي ۾ اسٽيج ڊرامن جو عروج هوندو هو سائين تاج جويو حاجي احمد دل، ڊاڪٽر اشوڪ بختاڻي، هيمنداس چنداڻي، صادق فقير ۽ ڪامريڊ نند لال مالهي انهن ڏينهن ۾ تمام گهڻا سرگرم هُئا. جن نہ رڳو اسٽيج ڊرامن کي عروج تي پهچايو پر انهن ۾ ثقافتي، تهذيبي ۽ رواداريءَ جا رنگ پڻ ڀريا. ڪامريڊ نند لال مالهي 1979ع ۾ مٺيءَ ۾ ٿيندڙ اسٽيج ڊرامي "حقيقت" ۾ وڪيل جو شاندار ڪردار ادا ڪيو. پاڻ پنهنجي ڪوشش سان 1982ع ۾ مٺيءَ ۾ "رام پروسہ" نالي هڪڙو شاندار اسٽيج ڊرامو ڪرايائين. 1983ع ۾ مٺيءَ ۾ ڪرايل اسٽيج ڊرامي "وڏوا" ۾ نائڪ جو ڪردار ادا ڪيائين. اسٽيج ڊرامي "سوجهرو" کي آرگنائيز ڪرڻ جو اعزاز پڻ کيس حاصل آهي.

ٿر جو شايد هي ڀهريون سياستدان آهي، جيڪو اديب، شاعر، ليکڪ هُئڻ سان گڏ سماج سُڌارڪ ۽ اداڪار پڻ رهيو آهي. هن اليڪشنون پلي هارايون هجن پر دليون کوڙ کٽيون آهن. اليڪشنون کٽڻ وارا تہ چند ڏينهن اقتدار ۾ ياد ايندا آهن پر دليون کٽڻ وارا تاريخ ۾ سدا ياد رهجي ويندا آهن.

بقايا 01 سنڌيار

اڳيان ڊي اي او ڪشمور جي خلاف ڌرڻي ڏينهن ۽ احتجاجي بک هڙتال ڪئي وئي انهي دوران پاس اميدوارن سيد سرفراز شاهه ڪليم الله پيرو، منظور اوڳاهي، سبحان اوڳاهي، نظير باجڪاڻي، نورعلي پيرو ۽ سياسي سماجي اڳواڻن جي يو آءِ جي خان محمد ملڪ وڪيل عبدالصمد ڀڄاراڻي جماعت اسلامي جي اميرغلام مصطفيٰ ميراڻي سنڌ ملاح فورم بشير ميراڻي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پي ايس ٽي جو ٽيسٽ فيس ۽ جي اي ايس ٽي جو پيرفيس نه هلائڻ جو سبب اهو آهي جو اسين آفيسرن کي رشوت نه ڏيڻ تي آهي هنن چيوته اسان کي لڳاتار ٽن مهينن کان وٺي اسان سان ناجائزي ٿي رهي آهي اسين تعليم جي وزير ۽ سيڪريٽري کي اپيل آهي ته اميدوارن کي آفر آرڊر ڏنا وڃن ۽ انصاف ڪيو وڃي هي جائز حق آهي ۽ حل ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ اسان جو احتجاج جاري رهندو

بقايا 02 سنڌيار

گڏريو اجلاس ۾ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي اي سي ميمبر جاويد جتوئي خصوصي طور تي شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ سکر پريس ڪلب جي نائب صدر سليم سهتو، ايس يو جي جي جنرل سيڪريٽري احقر رضوي، سيفما سکر چيپٽر جي صدر صلاح الدين قريشي، سهرش کوکر، ديدار انو، جواد شاهه، فاروق سومرو، مسعود زيدي، يارمحمد سومرو، ارشاد ڏنڊڻ، قاضي ضياءُ الرحمان، اشفاق ڪوسو صلاح الدين سميجو جاويد گهنيو، اصغر عباسي ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي اجلاس ۾ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي صدر افضل بٽ جي والد جي وفات، سکر پريس ڪلب ۽ سکر يونين آف جرنلسٽس جي اڳوڻي صدر، سينيئر صحافي جاويد ميمڻ جي چوٿين ورسي تي تعزيت ڪرڻ سان گڏ مرحومن جي روح کي ثواب پهچائڻ لاءِ قل ۽ دعائون گهريون ويون. اجلاس کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته ايس يوجي ۽ ايس پي سي جي اڳوڻي صدر مرحوم جاويد ميمڻ جو صحافت ۾ اهم ڪردار هيو سنڌس وڃڻ سان صحافت جي دنيا ۾ هڪ وڏو خال آهي جيڪو پرجي نه ٿو سگهي. جاويد ميمڻ هڪ سچي صحافي سان گڏ بيباڪ ۽ دلير صحافي هيو اڄ سنڌس وڇوڙو صحافت جي دنيا لاءِ تمام گهڻو نقصان آهي. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته پي ايف يوجي جي صدر افضل بٽ جي والد محترم جو اوچتو وڇوڙي سان تمام وڏو ڏک ٿيو آهي. رب پاڪ مرحومن جي پونئيرن کي صبر جي توفيق عطا فرمائي.

بقايا 03 سنڌيار

آفيس جي ٻرم نالي نصيراڻي، رحيم بخش ٻٽو، سيد شمن شاهه، وحيد شيخ پوليس وارو امام بخش شيخ، پوليس وارو خالد سميجو ۽ ٻين کي نوٽيس جاري ڪيو آهي انشاءَ الله مڪمل طور تي بند منشيات جا اڏا بند ڪيا ويندا. جي اگر انهن منشيات فروشن وڪرو ڪرڻ بند نه ڪيو آهي ته پوءِ انهن سڀني کي گرفتار ڪيو ويندو.

بقايا 04 سنڌيار

چنا اسان کي چيو ته نارمل ڊليوري آ ٻار پوءِ اندرآپريشن دوران ٻار جي مدي ڪٽي اسان کي چيو ٻار مري ويو آ پئسا ڏيو پوءِ ڪٽي وڃو جڏهن اسان ٻاهرپار کي ڪوليو ته ٻار جي مدي ڪٽيل هئي ۽ اکيون ٽڪٽل هيون اسان سان ڊاڪٽرياڻي وڏو ظلم ڪيو آ فورن قتل جي ايف آءِ آر داخل ڪري ڊاڪٽرياڻي شباز جنهن سيڪڙات عملي کي گرفتار ڪري ڪوس گهر کي تالو لڳايو وڃي جيسيتائين ايف آءِ آر داخل نه ٿيندي ٻار دفن نه ڪنداسين هوڏانهن ڊاڪٽرياڻي ۽ سنڌس سيڪڙات عملو اسپتال جي پي گيٽ کان ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ڊاڪٽرياڻي اڳ ۾ به الائي ڪيترا ٻار ماري چڪي آهي

بقايا 05 سنڌيار

جي جائز ڪاز لاءِ نڪتا آهيون اسان جو ڪو به ذاتي مفاد ڪونهي استادن جون پروموشن ۾ گهٽ وڌائي، اسڪيل وائز سينارٽي بنياد تي حل نه ٿيڻ ۽ ٻيا ڪرڙ مسئلا جيڪي حڪومت حل نٿي ڪري اسان استاد ڪاز لاءِ هر قسم جي جدوجهد ڪنداسين ۽ اسان پريس ڪلب ڪراچي هزارن جي تعداد ۾ پهچي پنهنجا جائز مطالبا منظور ڪرائينداسون. استقبال ڪندڙ ۾ سچوا اڳواڻ مولوي محمد قاسم چانڊيو واپاري ايسوسيئيشن گهارو جي صدر پونداس ٽيڪياڻي، عبدالحميد عمراڻي، مختيار لاشاري ۽ ٻيا موجود هئا. رات گهاري ترسڻ بعد لانگ مارچ ڪراچي طرف روانو ٿيندو.

بقايا 06 سنڌيار

۾ سنڌس تازو ٻيلل نامعلوم ماڻهون مٿس فائرنگ ڪري سخت زخمي ڪري ڇڏيو جنهن کي اسپتال نيو پئي ويو ته اسپتال پهچڻ کان پهريان رستي ۾ ئي دم ڏئي ڇڏيو مقتول عجب گل جوٿيجو جو لاش ضروري ڪار روائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو رائيپور ٿاڻي تي پنج نامعلوم ماڻهن تي اين سي داخل. قتل جو ڪارڻ پراڻو تڪرار ٻڌايو پيو وڃي پوليس اتالا سان ڪري وڌيڪ خون ريزي کي روڪڻ لاءِ ڳوٺ ويريو واهڻ پهچي علائقي کي ڪلو ڇاڙهي ڇڏيو

بقايا 07 سنڌيار

جاکرو، حاجي سليمان هيلايو، شبير شورو، سيد نور محمد شاهه، هاشم سولنگي، مينهن وسايو چانگ سميت آسپاس جي رهواسين ۽ چانگ برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي الهجايو چانگ ٻاران آيل مهمانن جو ماڻائتو استقبال ڪري سيد رياض حسين شاهه شيرازي کي پٽڪو ٻڌرائي آيل ٻين مهمانن کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪن ۽ لونگين جا تحفا پيش ڪري ڪين درپيش ايندڙ مسئلن کان وزير اعليٰ سنڌ جي معاون خاص پ پ پ ايم پي اي سيد رياض حسين شاهه شيرازي کي آگاهه ڪيو، جنهن ڪيس سنڌن جائز مسئلا حل ڪرڻ جي پڪ خاطري ڪرائي، آجياڻي تقريب کي خطاب ڪندي مهمان خاص وزيراعليٰ سنڌ جي معاون خاص سيد رياض حسين شاهه شيرازي چيو ته هو چانگ برادري جي معزز وڏيرو الهجايو چانگ جو ٿورائتو آهي، جنهه ڪيس هيڏو سارو مان ڏنو اهي. سنڌن جائز مسئلا اوليت جي بنيادن تي حل ڪيا ويندا، هن چيو ته ٿئو منهنجو تڪ اهي، تڪ جي عوام جا مسئلا حل ڪرڻ اسانجو اولين فرض آهي، سمورا مسئلا بنا فرق جي حل ڪيا ويندا. هن چيو ته هو ۽ پنهنجي وڏڙن جي نقش قدم تي هلندي عوام جي خدمت ۾ مصروف ٻڌيل آهي، هن چيو ته پ پ پ عوامي پارٽي آهي، جيڪا پڻ عوام جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ مصروف ٻڌيل اهي. هن چيو ته جلد بيروزگار نوجوان کي روزگار مهيا ڪري پنهنجي پيرن تي بيهاريو ويندو. آجياڻي تقريب کي سردار وڏيرو رسول بخش جاکرو، وڏيرو الهجايو چانگ، مينهن وسايو چانگ ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو.

بقايا 08 سنڌيار

جي تعلقہ صدر عبدالڪريم شر منور شر عرفان شر محمد شريف شر جي اڳوائي ۾ ميڊيا اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي سنڌ گورنمنٽ ايم اين اي مير منور علي خان ٽالپر کان گهر ڪيو ته تعلقي ڪوٽ غلام محمد جي سول اسپتال غريب ماڻهن لاءِ بي لاپ ٻڌيل آهي مريضن سان ڊاڪٽر ۽ عملي جو نارو سلوڪ روز جو معمول ٻڌيل آهي بنيادي صحولتن جي سخت ڪوٽ آهي ڊاڪٽر نه هجڻ جي برابر آهن هنن مطالبو ڪيو ته ڪوٽ غلام محمد سول اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جي کوٽ کي ختم ڪري سڻا ايماندار ڊاڪٽر مقرر ڪيا وڃن ڊاڪٽرن جي تعداد وڌايي وڃي ڊايلاسيز سينٽر کي فعال ڪيو وڃي ته جيئن هتان جا غريب مريض جيڪي ميرپورخاص حيدرآباد ڪراچي ڊايلاسيز لاءِ وڃن ٿا انهن کي فايدو ملي سگهي

بقايا 09 سنڌيار

جو رستو بند ٿيڻ ڪري بليدي برادري جي مختلف ڳوٺن جي رهواسين عبدالحسين بليدي، مشتاق احمد بليدي، محمد ابراهيم بليدي جي اڳوائي ۾ ڳوٺائن احتجاج ڪندي روڊ بند ڪري ڇڏيو جنهن سبب ٽنڊو ۽ ٽنڊوباگو کان ايندڙ ويندڙ گاڏيون بيهي رهيون. ڪلاڪ جي احتجاج بعد پ پ ضلع بدين جو جنرل سيڪريٽري حاجي سائين بخش جمالي مظاهرين وٽ پهچي ڳالهيون ڪري باثر خلاف ڪارروائي ڪرڻ ۽ موري کي ٺهرائڻ جي يقين ڏياڻي بعد ڳوٺائن احتجاج ختم ڪري ڇڏيو هوڏانهن پ پ اڳواڻ رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته واقعي ڳوٺائن سان زيادتي آهي مذڪوره موري جي تعميرات سميت باثر خلاف ڪاروائي ڪرڻ لاءِ اعليٰ قيادت سان ڳالهائيندس

بقايا 10 سنڌيار

ڪائونسل دادو جي سال 23_2024ع جي ٻهرين ڪلاڻي ۾ ضلعي ڪائونسل دادو جو اجلاس ٿيو 90 ڪروڙ 38 لک 49 هزار 2 سئو 28 رپين جي ٽيڪس فري بجيٽ پيش ڪئي وئي، جنهن ۾ اوزيٽ تحت حاصل ٿيندڙ سالياڻي رقم 27 ڪروڙ 70 لک، ريونيو آمدني 61 ڪروڙ 43 لک 38 هزار، سرمائيداري آمدني 1 ڪروڙ 8 لک رپيا آهي، 32 هزار، جڏهن ته اوپننگ بيلنس 80 لک رپيا آهي. جيڪو 35 سيڪڙو اضافو آهي. ملازمن جي پگهارن لاءِ 24 ڪروڙ 59 لک 99 هزار، رٽائرڊ ملازمن جي پينشن لاءِ 10 ڪروڙ، ترقياتي ڪمن لاءِ 476 ڪروڙ، قطري لاءِ 1 ڪروڙ رپيا رکيا ويا آهن. آفتاب، مختلف ادارن جن ۾ تصديق ٿيل گريجوئيٽس شامل آهن. ضلعي ڪائونسل ملازمن جي انجمن لاءِ 1 ڪروڙ، ضلعي ۾ پريس ڪلب، لائبريرين لاءِ ڪتاب، ضلعي ڪائونسل آفيسرن جي علاج، قومي ڏينهن، رانڌين، ميلو، ثقافتي ڏينهن، غريبن لاءِ گرانٽ ۽ اسڪالرشپس، ذهين شاگرد 36 لک ۽ ٻين خرچن لاءِ رقم مختص ڪئي وئي آهي. اجلاس ۾ ٻنهي پارٽين جي ميمبرن هلندڙ مالي سال جي بجيٽ اتفاق راءِ سان منظور ڪري ورتي. جڏهن ته ضلعي ڪائونسل جي باڳ ور سنڀالڻ تي مجبور ٿي ويا. انتهائي مايوسيءَ واري صورتحال ۾ ۽ محسوس ڪير ته 2020ع کان 2023ع تائين جي ٽن سالن جي انتظامي مدي ضلعي ڪائونسل دادو کي بدحال ۽ داغدار ڪري ڇڏيو آهي ۽ ضلعي ڪائونسل دادو کي تباهيءَ جي ڪناري تي بيهاري ڇڏيو آهي. سواءِ صوبائي حڪومت جي خاص گرانٽ جي، مامرو هلائڻ تمام مشڪل آهي پر ان جي باوجود مون کي پنهنجي قيادت تي يقين آهي ته هو اسان جي مدد ڪندا ۽ سمورن ميمبرن سان گڏ دادو ضلعي جي ٻوڏ متاثرن ۽ پنتي پيل علائقن جي مدد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس ته جيئن دادو ضلعي جي ترقياتي ڪمن کي هٿي وٺرائي سگهجي. جنهن لاءِ ترجيحي بنيادن تي سنڌ جي صوبائي حڪومت خاص گرانٽس ۽ امداد تحت اسان جي مدد ڪندي ته جيئن اسان عوام جي اميدن تي پورو لهي سگهون. لاڙڪاڻو ٻاڪ جي بي حرمتي جي مذمت ڪئي وئي ۽ ضلعي ڪائونسل جي اڳوڻي ميمبرن جي ايصال ثواب لاءِ دعا به ڪئي وئي. جنهن ۾ سردار مير منظور پنهور شامل آهن.

بقايا 11 سنڌيار

جيڪو هڪ وڏي آبادي رکندڙ شهر آهي پر ڏهه سال گذرڻ باوجود هتان جو عوام بنيادي سهولتن کان محروم ٻڌيل آهي بکري لنڪ روڊ 2008 ۾ ٺهيو جيڪو بارشن ۽ ٽي دفعا ايندڙ ٻوڏ سبب هنڌا هنڌا اکڙي ڏيون حالي جو شڪار آهي جنهن سبب اسان کي اچن وڃڻ ۾ تمام گهڻين پريشانين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو احتجاج ڪندڙن جو اهيو به چوڻ هيو ته بکري ۾ علاج جي به سهولت موجود ناهي هتي هڪ سرڪاري سب هيلٿ سينٽر قائم آهي جنهن ۾ نه ڊاڪٽر آهي نه دوا موجود اهي انڪري دوا يا ايمرجنسي جي صورت ۾ ڪنڌيارو سرڪاري اسپتال يا ته پرائيوٽ ڪلينڪن تي وڃڻو پوي ٿو پر وڏي ڳالهه اها ته بکري لنڪ روڊ جي حالت خراب هجڻ جي ڪري مريض ماڻهن کي تمام گهڻي تڪليف ٿيي ٿي انهن وڌيڪ چيو ته اسان جي احتجاجن ڪرڻ باوجود به ڪنهن ڪن تي جون به نٿي چري اسان حقن لاءِ ڌانهون ڪندا رهون ٿا پر ڪو ٻڌڻ وارو ٻي ناهي انهن پاڪستان پيپلزپارٽي جيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سي ايم سنڌ سيد مراد علي شاهه ايم پي اي سيد سرفراز حسين شاهه ايم اين اي سيد ابرار علي شاهه سميت وس وارن کي اپيل ڪندي چيو ته خدارا اسان کي بنيادي سهولتون ڏيي ڪري وڌيڪ پريشانين کان بچايو وڃي

بقايا 12 سنڌيار

: مير بخت ڏاهري : ذوالفقار ڏاهري : نادر ڏاهري ۽ ڏاهري برادري پاران ڪيي جڏهن ته چيف سردار خان محمد ڏاهري جو مورو طارق پيٽرول پمپ وٽ طالب رند : سليمان رند : نصر اللہ سيال پاران واليانا استقبال ڪيو ويو جنهن بعد سوين گاڏين جي صورت ۾ هزارين ماڻهن ۽ ڏاهري برادري جي هڪ وڏي ريلي شهر جو گشت ڪندي عباسي ريسٽورنٽ تي پهتي جتي هڪ عظيم الشان پروگرام تقريب منعقد ڪيي وبي جتي چيف سردار جو گلن سان استقبال ڪير ويو جنهن بعد ڏاهري برادري پاران سنڌ جي ثقافت جي روايت طور تي سردار صاحب کي بوسڪي جي پٽڪي جي پڳ ٻارايي ويي ۽ برادري جي پڳ ڏاهري برادري جي معزز شخصيت علي گوهر ڏاهري کي پارايي ويي جنهن بعد ڏاهري برادري جي اڳواڻ ۽ چيف سردار عوامي جلسي کي خطاب ڪندي چير ت اسان تمام گهڻا ٿورايتا آهيون مورو واسين ۽ ڏاهري برادري جي معززين جا جن اسان کي مان ۽ محبتون ڏنيو 0 اڄ جو هي پروگرام سياسي پروگرام ناهي هي پروگرام ڏاهري برادري کي هڪ هنڌ متفق ۽ منظر ڪري گڏ ڪرڻ جو آهي ۽ منهنجو ڪو ب اهڙو ارادو ناهي جو مان مورو جي تڪ تي اليڪشن ۾ بيهان باقي مان پنهنجي برادري جي ماڻهن کي ضرور چوندس ت اوهان مورو وارا خوشنصيب آهيو جو اوهان کي ضياءُ الحسن لنجار جهڙي محبوب شخصيت ملي آهي ۽ ڏاهري برادري کي گذارش ڪندس ت ايندڙ اليڪشن ۾ ب پ پ طرفان نامزد ڪيل ضياءُ الحسن لنجار کي ووٽ ڏيي سنڌس هٿ مضبوط ڪيو هن وقت ڏاهري برادري کي گڏجڻ جي ضرورت آهي باقي پنهنجي دلين مان بغض ۽ ڪينو ڪڍين مورو جي تمام برادريون ب اسان جون پنهنجون برادريون آهن اسان ۾ ڪنهن ب ذات پات جو فرق ناهي هن آخر ۾ چيوت منهنجو والد صاحب جان محمد ڏاهري ب نفيس ۽ انسان ذات سان محبت ڪندڙ شخصيت هيو۽ مان ڏاهري برادري جو ب شڪر گذار آهيان جن مون متان اعتماد ڪيو آهي ۽ مان پنهنجي والد صاحب ۽ برادري جي پڳ جو مان ضرور رکندس انهي موقعي تي مورو شاهبو دولتپور منهڙو مان آيل صحافين کي ب مان ڏيندي سنڌي ثقافت ٽوپين جا تحفا ب پڻ پيش ڪيا ويا0 جڏهن ت ڏاهري اتحاد جي معززين پاران چيف سردار خان محمد ڏاهري ۽ علي گوهر ڏاهري کي نوٽن اجرڪ ۽ ٽوپين جا تحفا پيش ڪيا 0 جڏهن ت سيڪيورٽي جي انتظام کي مورو پوليس ڊي ايس پي يار محمد رند ايس ايچ او درس حنيف مهر ۽ ايس ايچ او مورو مجيب الرحمان تاريجو پاران سرانجام ڏنو ويو

بقايا 13 سنڌيار

احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا DHO آفيس ڪنڌڪوٽ کان مين ايمرجنسي بلاڪ سول اسپتال ڪنڌڪوٽ جي سامهون ڌرڻو هنيو ويو. ان موقعي تي علي حسن قمبراڻي ضلع صدر پاڪستان پيرا ميڊيڪل اسٽاف Rp 2076 ضلع ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ يارعلي خان ڊومڪي بلوچ سينٽر صوبائي وائيس چيرمين پاڪستان پيرا ميڊيڪل اسٽاف Rp 2076 سنڌ محمد نواز گولاٽو بلوچ ضلع صدر پاڪستان پيرا ميڊيڪل اسٽاف KR 041 ضلع ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ صبغت الله ڪوسو جنرل سيڪريٽري پاڪستان پيرا ميڊيڪل اسٽاف KR 041 حاجي نعمت الله ڪرسو سينئر رهنما پمسا ضلع ڪشمور پنهنجي الڳ الڳ خطاب ۾ چيوت ڊاڪٽر رحيم بخش پٽي ڊاريڪٽر گمس گمبٽ جو سنڌي ملازمن سان نارو سلوڪ آهي اتي ڌوگر مافيا ٻين صوبن مان پنجابي ۽ پٺاڻن کي گهرائي ڀرتي ڪري ٿو اسان ان عمل جي خلاف اڄ سڄي سنڌ ۾ سراپا احتجاج آهيون جيستائين ڌوگر مافيا ۽ ڊاڪٽر رحيم بخش پٽي کي هٽايو ويندو نه اوتري تائين اسان جو هي احتجاج رهندو.

بقايا 14 سنڌيار

ڪندي تشدد جو نشانو بڻائي فرار ٿي ويا ڪوسڪي پوليس اگهور نند سٽل جڏهن تي ڪوسڪي پوليس جي حد ۾ قرجوهي بن مهينن اندر ٽيون واقعو پيش آيو آهي.

بقايا 15 سنڌيار

ڪمشنر محمد علي شيخ، ٽائون ڪميٽي مڪي شاهه جي وائيس چيئرمين مرتضيٰ گهانگهرو، يوسي چيئرمين ياسين آرائين، ايس ايم سي ميمبر عذرا جمال، فرح ديبا، نور جهان پٺاڻ، صابره پٺاڻ، نثار قريشي، سجاد لاکو، ماريا احسان، ثمينا عباسي، الماس، شميم اختر ۽ ٻين وڏي ۾ شرڪت ڪئي. تقريب دوران ايس ايم سي ميمبر شهناز شيخ کي حج جي سعادت ۽ ميونسپل ڪمشنر محمد علي شيخ کي عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ تي گلن جا هار پارائي مناءون ورهائيون ويون. تقريب کي خطاب ڪندي شهناز شيخ مهمانن جو شڪريو ادا ڪري دعا گهرائي وئي.

بقايا 16 سنڌيار

اڳ ڳوٺ ۾ سرڪاري اسپتال ۽ مڊل اسڪول جون عمارتون نه ٺهيون پر فنڪشنل نه ٿيون گيس جي فراهمي وارو ڪم به سالن کان رولڙي جو شڪار: هفتن جا هفتا بجلي بند هجڻ سبب ڳوٺاڻا عذاب ۾ رپورٽ موجب شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي اباڻي تعلقي رتيديري جو قديم ۽ تاريخي ڳوٺ علي بيگ خان ڪوڙائي يونين ڪائونسل وارڊنو ماڇي هن جديد دور ۾ به بنيادي سهولتن کان محروم آهي تعليم صحت گيس ۽ بجلي سميت بنيادي سهولتون اڻلڀ آهن جنهن ڪري ڳوٺاڻا اڄ به پٿر واري دور جهڙي زندگي گذاري رهيا آهن وڏي آبادي تي مشتمل هن ڳوٺ ۾ 12 سال اڳ سرڪاري اسپتال ۽ مڊل اسڪول جون عمارتون نه ٺهي ويون آهن پر اهي انتظامي نااهلي سبب ٻارنهن سال تائين فنڪشنل نه ٿي سگهيون ۽ هاڻي اهي ٻڻي عمارتون پڇڻ ۽ ڀرڻ لڳيون آهن جنهن سبب هڪ طرف حڪومت جا لکين ڪروڙن روپيا مٽيءَ ۾ ملي ويا آهن ٻئي طرف ڳوٺاڻا پڻ ڪو ب لاڀ حاصل نه ڪري سگهيا آهن هوڏانهن گيس جي فراهمي وارو ڪم به سالن کان وٺي رولڙي جو شڪار هجڻ سبب مڪمل نه ٿي سگهيو آهي جنهنڪري عورتون اڄ به چيٽن ۽ ڪاٺين تي رڌ پچاءُ ڪرڻ تي مجبور آهن جڏهن ته هفتن جا هفتا بجلي بند هجڻ سبب ڳوٺاڻا ٻئي عذاب ۾ زندگي گذاري رهيا آهن ڳوٺ علي بيگ خان ڪوڙائي جي رهواسين تڪ جي ايم اين اي وفاقي وزير بلاول ڀٽو زرداري ۽ ايم پي اي ميڊم فريال ٽالپور کي اپيل ڪئي آهي ته فوري طور نوٽيس وٺي جاءِ تي مسئلا حل ڪيا وڃن ۽ تعليم صحت گيس ۽ بجلي سميت سمورين بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن

بقايا 17 سنڌيار

جا مسئلا بهتر انداز سان حل ڪرايا آهن. مرڪزي تنظيم تاجران پاڪستان واحد واپارين جي ملڪ گير تنظيم آهي جيڪا ننڍن واپارين جي مسئلن جي حل لاءِ ٻهرين ڏينهن کان مصروف عمل آهي. اڄ الحمد الله تنظيم جي قيام کي چار سال مڪمل ٿي چڪا آهن ۽ انهن اڳواڻن ۽ واپارين کي به خراج تحسين پيش ڪريون ٿا جنهن قدم بقدم اسان سان گڏ رهي ڪري واپارين جي مسئلن جي حل لاءِ پنهنجو بهترين ڪردار ادا ڪيو انشاءَ الله آئنده به واپارين جي خدمتن جو اهو سلسلو انهيءَ انداز سان جاري رهندو. اهڙن خيالن جو اظهار هن مرڪزي تنظيم تاجران پاڪستان جي چوٿين يوم تاسيس جي موقعي تي تاجر سيڪريٽريٽ گولڊ سينٽر صرافہ بازار ۾ منعقد ڪيل تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي حاجي محمد جاويد ميمڻ ۽ ٻين واپارين تنظيم جا چار سال مڪمل ٿيڻ تي ڪيڪ پڻ ڪٽيو ۽ واپارين کي مبارڪباد ڏني. تقريب ۾ سکر اسمال ٽريڊرز جي اڳواڻن حاجي غلام شبير پٽو، حاجي عبدالستار راجپوت، عبدالقادر شيواڻي، رئيس قريشي، حافظ محمد شريف ڏاڏا، احسان پنڊاڻي، محمد منير ميمڻ، عبدالباري انصاري، مختيار شامي، طارق علي ميراڻي، ڊاڪٽر سعيد اعوان، محمد سجاد عامر، محمد رضوان قادري، محمد شعيب ميمڻ، عارف پٽي، سعيد احمد، جميل مغل، محمد الياس، خالد سومرو، محمد فيضان، محمد رفيق، محمد اڪرم ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي حاجي محمد جاويد ميمڻ مرڪزي تنظيم تاجران پاڪستان جي سرپرست اعليٰ خواجہ شاهد رزاق سڪا، مرڪزي صدر محمد ڪاشف چوڌري، چيئرمين خواجہ سليمان صديقي، سيڪريٽري جنرل آغا عبدالقيوم ۽ ٻين اڳواڻن کي چوٿين يوم تاسيس جي مبارڪباد ڏني ۽ واپارين جي لاءِ بهترين خدمتون پيش ڪرڻ تي شاندار لفظن ۾ پيٽا پيش ڪندي چيو ته ڪراچي کان خيبر تائين سڄي ملڪ جا واپاري تنظيم تاجران پاڪستان جي پليٽ فارم تي متحد آهن. اڄ يوم تاسيس جي موقعي تي عهد ڪريون ٿا ته ننڍن واپارين جي مسئلن جي حل لاءِ سکر اسمال ٽريڊرز مرڪزي تنظيم تاجران پاڪستان سان گڏوگڏ رهي ڪري مرڪزي قائدين جي اڳواڻيءَ ۾ پاڪستان جي بيمار معيشت جي بحالي ۽ ننڍن واپارين جي مسئلن جي حل لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندي.

بقايا 18 سنڌيار

پرچيون، بڪ، رقم ۽ ٻيو سامان هٿ. ڪيس داخل تفصيل موجب ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ جي هدايت تي اي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس ۽ ڊي آئي بي پوليس مشترڪہ ڪارروائي ڪندي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ٽانگو اسٽينڊ، ڍڪ روڊ، شمس آباد، بچل شاهه مياڻي سميت ديگر علائقو ۾ آڪڙا پرچي مافيا خلاف ڪارروائي ڪندي 10 کان وڌيڪ جوابدار جن ۾ ربنواز ميراڻي، مرزا ياسين بيگ، محمد فهيم انصاري سميت ٻين کي گرفتار ڪري انهن جي قبضي مان آڪڙا پرچيون، بڪ، روڪ رقم، موبائل فون ۽ ٻيو سامان هٿ ڪري انهن خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 19 سنڌيار

وسيم راڄپر ڪان شهر جي مين روڊ تان سريعام نامعلوم هٿياربند هٿيارن جي زور تي چار لک روپيا روڪ کسي فرار ٿي ويا آهن نوشهرو فيروز ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي آهي پر ان باوجود پوليس ڦورو پڪڙڻ بجاءِ ڪن لاٽار ڪري رهي آهي نوشهرو فيروز ۽ آس پاس جي علائقن ۾ بدامني عروج تي آهي ڪو به محفوظ ڪونهي هنن اعلا اختيارين آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد کان مطالبو ڪيو ته ڦر ٿيل روڪ رقم واپس ڪراءِ جوابدار گرفتار ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ ايس ايس پي نوشهروفيروز اڏو سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 20 سنڌيار

ڪيترائي ڪتاب لکي وڏو احسان ڪيو. رحيمداد مولائي شيدائي جا رهيل ڪتاب جلد شايع ڪرڻ ۽ آخري آرامگاهه جي حفاظت لاءِ چوديواري ڏيارڻ جي گهر. سکر آرٽس ڪائونسل رحيمداد مولائي شيدائي لائبريري ۾ سنڌ جي تاريخدان، محقق، ليکڪ، صحافي ۽ اديب مولائي شيدائي جي 130 هين سالگرهه تقريب ملهائي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو. ان موقعي تي موقعي تي ڊائريڪٽر ثقافت ڪاتو سکر ڊويزن امتياز علي ميمڻ، بدر اڄڻ، ممتاز بخاري، امير علي بروهي خطاب ڪندي چيو ته رحيمداد خان مولائي شيدائي پنهنجي زندگي جا شروعاتي ڏينهن ڏاڍا ڏکيا گذارڻ جي باوجود هن تاريخ جي لکڻ پڙهڻ واري ڪم کي اهميت ڏيندي تاريخ ۾ پنهنجو پاڻ ملهائي ويو آهي. هن جي سنڌ جي تمام وڏن اديبن سان صحبت ۾ رهي ڪري سنڌ جي تاريخ تي تمام وڏو ڪم ڪري ويو آهي رحيمداد خان مولائي شيدائي جي شخصيت جو وڏو حوالو سنڌ جي تاريخ تي ڪيل ڪم آهي ورهاڱي بعد هن جو ٻهريون وڏو ڪم هيو رحيمداد شيدائي سنڌ، اسلام، سکر، بلوچستان سميت مختلف تاريخن جا ڪتاب لکي وڏو احسان ڪري ويو. وفات کان پوءِ تاريخ اڌ ۾ رهجي وئي. ادب ۽ تاريخ ۾ 50 سال خدمت ڪندڙ رحيمداد مولائي شيدائي ڪيترائي ڪتاب لکيا جنهن ۾ جنت السنڌ، تاريخ سکر، تاريخ بکر، تاريخ ترڪستان، تاريخ خاصخيلي، تاريخ قلات، تاريخ تصوف، سنڌ جا بلوچ قبيلا، بلوچستان جي تاريخ، بلوچستان ۾ مهدوي تحريڪ ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن سخت پورهئي ۽ تاريخ لکڻ لاءِ وقت نه هئڻ سبب ريلوي ۾ گارڊ جي نوڪري تان استعيفيٰ ڏئي پنهنجي سڄي زندگي لکڻ، پڙهڻ ۽ ادب جي خدمت ڪندي گذاري. گهر ۾ کائڻ لاءِ ڪجهه به نه هئڻ سبب غربت واري زندگي گذاري. گهر ۾ کائڻ لاءِ اٽو به نه هوندو هو پر ڪاغذ قلم وٺي لکڻ کي نه ڇڏيو. سنڌس ڪيترائي ڪتاب روضت السنڌ ۽ ٻيا ڪتاب اڃان ڇپجي ناهن سگهيا. مولائي شيدائي جا رهيل ڪتاب جلد شايع ڪيا وڃن ۽ آخري آرامگاهه قبر جي حفاظت لاءِ چوديواري ڏياري وڃي جئين قبضن کان بچي سگهي. آدم شاهه قبرستان ۾ چوطرف قبضہ ٿيندا پيا وڃن. رحيمداد خان مولائي شيدائي جي ڏوهٽي امير علي بروهي چيو ته رحيمداد خان مولائي شيدائي 130 هين سالگرهه تي تمام گهڻي خوشي ٿي رهي آهي هن ريلوي ۾ گارڊ جي نوڪري ڪئي هن کي انگريز سرڪار ريلوي جي آفيسرن پنجن کان مٿي نرتس ڏنا ته ڊيوٽي دوران رڳو نوڪري ڪير لکڻ پڙهڻ وارو ڪم نه ڪيو هن اهڙن نوٽيسن بعد نوڪري تان استعفا ڏئي ڇڏي ۽ الاهي غربت وارا ڏينهن گذاريا پر لکڻ پڙهڻ وارو ڪم نه ڇڏيو. سالگرهه تقريب کي ستارزنگيجو، خالد پٺاڻ،

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار Daily SINDHYAR Karachi www.dailysindhyar.com NTN 4129440-8

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار ادارئ سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com